Reg No 2677
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8
www.dailysindhyar.com
جلد :12 | اربع 27 ڊسمبر 2023 ع بمطابق 13 جمادي الاثاني 1445ھ | شمارو:77 | قيمت10 روپيا

بجلي وڌيڪ مهانگي ٿيڻ جو امڪان، صارفين تي 36 ارب روپين جو اضافي بار پوندو

سينٽرل پاور پرچيزنگ ايجنسي (سي پي پي اي) طرفان بجلي جي قيمت ۾ 4 روپيه 66 پئسا في يونٽ اضافي جي لاءِ درخواست نيشنل اليڪٽرڪ پاور ريگوليٽري اٿارٽي ۾ جمع ڪرائي وئي

بجلي جي قيمت ۾ 4.66 روپيه روپيه في يونٽ جو اضافو نومبر مهيني جي فيول پرائس ايڊجسٽمينٽ ۽ بقاياجات جي مد ۾ گهريو ويو، بجلي صارفين تي 36 ارب روپين ڪان وڌيڪ جو اضافي بار پوندو

قيمت ۾ واڌ جي لاءِ ڏنل درخواست ۾ چيو ويو آهي ته نومبر مهيني جي دوران پاڻي سان بجلي جي پيداوار 36.5 سيڪڙو رهي : سي پي پي اي

نيو ڪليئر سان بجلي جي ڪيل پيداور 20 سيڪڙو ڪان وڌيڪ رهي، هڪ مهيني جي دوران مقامي ڪوئلي مان بجلي جي پيداوار 13 سيڪڙو رهي، نومبر ۾ درآمد ڪيل ڪوئلي مان بجلي جي پيداوار 6 سيڪڙو ڪان وڌيڪ رهي

هڪ مهيني جي دوران ايل اين جي ذريعي بجلي جي پيداوار 10.6 سيڪڙو رهي جڏهن ته مقامي گيس سان بجلي جي پيداوار جو حصو 9.2 سيڪڙو رهيو

اسلام آباد(م ر د) بجلي جي قيمت ۾ هڪ دفعو ٻيهر واڌ جو امڪان آهي جنهن سان صارفين تي 36 ارب روپين جو اضافي بار پوندو. سينٽرل پاور پرچيزنگ ايجنسي (سي پي پي اي) طرفان بجلي جي قيمت ۾ 4 روپيه 66 پئسا في يونٽ اضافي جي لاءِ درخواست نيشنل اليڪٽرڪ پاور ريگوليٽري اٿارٽي ۾ جمع ڪرائي وئي آهي جنهن تي نيپرا طرفان سياڻي ٻڌڻي ڪئي ويندي. بجلي جي قيمت ۾ 4.66 روپيه روپيه في يونٽ جو اضافو نومبر مهيني جي فيول پرائس ايڊجسٽمينٽ ۽ بقاياجات جي مد ۾ گهريو ويو آهي جنهن جي منظور ٿيڻ جي صورت ۾ بجلي صارفين تي 36 ارب روپين ڪان وڌيڪ جو اضافي بار پوندو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

نامزدگي فارمن جي جانچ پڙتال جاري، آصف زرداري ۽ نواز شريف سميت ٻين جا فارم منظور

قومي اسيمبلي جي مخصوص سيٽ تي مريم اورنگزيب، شائسته پرويز، عظميٰ بخاري، حنا پرويز بٽ، ذڪيه شاهنواز، حنا رباني کهر ۽ ناز بلوچ جا نامزدگي ڪاغذ منظور ڪيا ويا

لاهور جي اين اي 128 ۽ اين اي 123 تي جماعت اسلامي جي اميدوار لياقت بلوچ جا نامزدگي ڪاغذ منظور ڪيا ويا. لاهور مان اين اي 121 تان اڳوڻي اسپيڪر سردار اياز صادق جا به نامزدگي ڪاغذ منظور ٿي ويا

شيخ رشيد ۽ ڀائٽي راشد شفيق جا راولپنڊي، پيپلزپارٽي جي نثار کهڙو، روبينه قائمخاني سعيد غني، تنزيله قمبراڻي، جميل سومرو، ٽي ايل پي جي ثروت فاطمه ايم ڪيو ايم جي افشان جا نامزدگي ڪاغذ منظور ڪيا ويا

ايندڙ عام چونڊن 2024 جي لاءِ قومي ۽ چئن صوبائي اسيمبلين جي 1085 سيٽن تي ٽوٽل 28 هزار 626 اميدوارن طرفان نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا ويا آهن: اليڪشن ڪميشن

قومي اسيمبلي جي 266 سيٽن تي 7 هزار 713 اميدوارن جڏهن ته عورتن ۽ اقليتن جي 70 سيٽن تي 609 اميدوارن نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا، قومي اسيمبلي جي جنرل سيٽن تي 7 هزار 242 مرد ۽ 471 عورت اميدوار سامهون آيا

پنجاب اسيمبلي جي 297 جنرل سيٽن تي 8 هزار 592 مرد ۽ 437 عورتن نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا، سنڌ اسيمبلي جي 130 جنرل سيٽن تي 4 هزار 60 مرد ۽ 205 عورت اميدوار سامهون آيون

اسلام آباد (م ر د) عام چونڊن 2024 ۾ حصو وٺندڙ اميدوارن جي نامزدگي ڪاغذن جي جانچ پڙتال جو اڄ ٻيون ڏينهن آهي. قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جي عورتن جي مخصوص سيٽن تي اڄ مسلم ليگ(ن) ۽ پيپلز پارٽي جي اميدوارن جي اسڪروٽني جو عمل جاري آهي. لاهور جي ٽڪ اين اي 130 تان اڳوڻي وزيراعظم نوازشريف جي نامزدگي ڪاغذن جي اسڪروٽني به اڄ ٿيندي. اليڪشن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائڻ جي مد ۾ 65 ڪروڙ، 57 لک روپيه قومي ناڻي ۾ جمع

قومي اسيمبلي جي نامزدگي ڪاغذن جي مد ۾ 24 ڪروڙ 96 لک 60 هزار روپيه جمع ٿيا

اميدوارن طرفان نامزدگي ڪاغذن جي مد ۾ ادا ڪيل فيس واپس ڪرڻ جوڳي نه آهي

اليڪشن ڪميشن کي نامزدگي ڪاغذن مان حاصل ٿيندڙ رقم قومي ناڻي ۾ جمع ڪئي ويندي آهي : ذريعا

اسلام آباد (م ر د) عام چونڊن جي لاءِ نامزدگي ڪاغذن جي مد ۾ قومي ناڻي کي ملندڙ روينيو جا تفصيل جاري ڪيا ويا آهن ذريعن ٻڌايو آهي ته سڄي ملڪ ۾ نامزدگي ڪاغذن جي مد ۾ 65 ڪروڙ 57 لک 20 هزار روپيه قومي ناڻي ۾ جمع ٿيا. اليڪشن ڪميشن کي صوبائي اسيمبلي جي لاءِ نامزدگي ڪاغذن جي مد ۾ 40 ڪروڙ 60 لک 80 هزار جڏهن ته قومي اسيمبلي جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

غزه: اسرائيل پاران بمباري سبب فلسطيني ڪيمپ جي تباهي جو ڏيک

شهيد راڻي جي ورسي: سنڌ حڪومت صوبي ۾ عام موڪل جو اعلان ڪري ڇڏيو

شهيد بينظير ڀٽو جي شهادت ڏهاڙي جي موقعي تي سڄي صوبي ۾ عام موڪل جي منظوري ڏني

سرڪاري ۽ نجي ادارا، لوڪل ڪائونسلز ۽ صوبائي حڪومت جون انتظامي آفيسون بند رهنديون

ڪراچي (م ر د) سنڌ حڪومت سڄاڻي صوبي ۾ موڪل جو اعلان ڪري ڇڏيو سنڌ جي نگران وڏي وزير جي ترجمان موجب جسٽس (ر) مقبول باقر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

پي ٽي آءِ چونڊن کي تڪراري پئي بڻائي: جاويد لطيف

پرڏيهي فنڊنگ ڪيس وقت تي شروع ٿئي ها ته حقيقتون سامهون اچي وڃن ها. اسان 9 ۽ 10 مئي تي ائين ڪٿي رهيا آهيون

هتي عالم اهو آهي ته ڪيس وڏي پارٽي جو سربراهه ۽ معصوم چيو پيو وڃي

ڪيترن ئي مظلوم وزيراعظمن کي طاقت ذريعي هٽايو ويو، ڪيس آئيني طريقي سان هٽايو ويو پر پوءِ به هو بيگناهه آهن

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) ن ليگ اڳواڻ ميان جاويد لطيف جو چوڻ آهي ته پي ٽي آءِ رٿابندي تحت هن اليڪشن کي تڪراري بڻائي رهي آهي. لاهور ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي جاويد لطيف چيو آهي ته ائين نٿو لڳي ته ڪنهن اميدوار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

عوام لاءِ سٺي خبر : پهرين جنوري 2024 ڪان پيٽرول سستو ٿيڻ جو امڪان

اسلام آباد(م ر د) عوام لاءِ سٺي خبر آهي ته پهرين جنوري 2024 ڪان پيٽرول سستو ٿيڻ جو امڪان آهي. نئين سال جي شروعات تي عوام کي رليف ملڻ جو امڪان آهي ۽ پهرين جنوري ڪان ايندڙ 15 ڏينهن لاءِ پيٽرول جي اگهه ۾ لاٿ ٿي سگهي ٿي. ذريعن موجب پهرين جنوري ڪان پيٽرول جي قيمت ۾ معمولي لاٿ ڪري سگهجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

اسلام آباد: ن ليگ اڳواڻ ميان جاويد لطيف پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

شاهه محمود قريشي آزاد نه ٿي سگهيو، نظربندي جي حڪم جاري

تحريڪ انصاف جي وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي جي نظربندي جا حڪم ڊي سي راولپنڊي جاري ڪيا

شاهه محمود قريشي 9 مئي جي ڪيسن ۾ نامزد آهي ۽ پڇا ڳاڇا ضروري آهي، تنهن ڪري نظربندي جا حڪم جاري ڪيا وڃن ٿا : ڊي سي

سائفر ڪيس ۾ عمران خان جي شريڪ جوابدار شاهه محمود قريشي جي سپريم ڪورٽ ضمانت منظور ڪئي هئي

راولپنڊي (م ر د) راولپنڊي جي ڊپٽي ڪمشنر تحريڪ انصاف اڳواڻ شاهه محمود قريشي جي نظربندي جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا. تحريڪ انصاف جي وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي جي نظربندي جا حڪم ڊي سي راولپنڊي جاري ڪيا، جيڪي پنڊي پوليس چيف جي سفارش تي جاري ڪيا ويا آهن. ڊي سي جي حڪمن ۾ چيو ويو آهي ته شاهه محمود قريشي 9 مئي جي ڪيسن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

نگران وزير ڪارونجهر ڪٽائي جي مخالفت ڪندڙن کي ملڪ دشمن قرار ڏئي ڇڏيو

ملڪ ۾ معدني ذخيرن جي حوالي سان رڳو پنجاب، بلوچستان ۽ ڪواڙا جو ذڪر ڪيو ويو آهي : مير خدا بخش مري

مان هن پليٽ فارم تان دعوت ڏيان ٿو جيڪڏهن توهان مان ڪو سوال پڇڻ چاهي ته ان جي اجازت آهي

اسان هن وقت جتي آهيون، هندستاني سرحد جي ويجهو آهي. ۽ انهن وٽ معدني ذخيرا به آهن ۽ اهي استعمال ڪري رهيا آهن

ننگرپارڪر (رپورٽر) نگران حڪومت ڪارونجهر کي ڪورڻ لاءِ ڪات ڪهاڙا آيا ڪري ورتا. جبل کي ليز تي ڏيڻ جو اشارو. دوري تي آيل وزير احتجاج ڪندڙن کي شرپسند ۽ ترقي دشمن قرار ڏئي ڇڏيو. معدنيات واري نگران وزير مير خدابخش مري جي دوري جي سلسلي ۾ روهيلو ڪولهي موٽل تي ميڊيا بريفنگ ۾ ميرخدابخش مري جو چوڻ هو ته ملڪ ۾ معدني ذخيرن جي حوالي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

بيضن کي به پَر لڳي ويا، في درجن قيمت ملڪي تاريخ جي بلند ترين سطح تي پهتل

اسلام آباد(م ر د) ملڪ ۾ في درجن بيضن جو اگهه تاريخ جي بلند ترين سطح تي پهچي ويو. ڪُٽب ڪاتي موجب في درجن بيضا 420 روپين تائين پهچي ويا آهن. اسلام آباد، پشاور ۽ فيصل آباد ۾ بيضن جي اگهه ۾ وڏي واڌ ٿي آهي. دستاويز ۾ ٻڌايو ويو ته سيالڪوٽ ۾ في درجن بيضا 410 روپيا. راولپنڊي، گوجرانوالا، لاڙڪاڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

پشاور: اسلامڪ ڊولپمينٽ بينڪ جو وفد ڪي پي ڪي جي وزير ڊاڪٽر عامر عبدالله سان ملاقات ڪندي

پ پ پاران چونڊن ۾ فوج جي موجودگي لازمي قرار

جيڪڏهن پاڪ فوج اليڪشن ۾ موجود رهي ته ڌانڌلي ۽ امن امان جا مسئلا پيدا نه ٿيندا : خورشيد شاهه

ملڪ ۾ جيڪو ماحول آهي اهو سڀ ڪجهه ٺيڪ ناهي. جماعت اسلامي اليڪشن ۾ پنهنجو ووٽ آڻيندي

ڪنهن به پارٽي کي سادي اڪثريت حاصل نه ٿيندي ۽ اتحادين مان حڪومت ٺاهي ويندي

سکر (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ ۽ اڳوڻي وفاقي وزير سيد خورشيد احمد شاهه چونڊن ۾ پاڪ فوج جي موجودگي کي ضروري قرار ڏيندي چيو آهي ته جيڪڏهن پاڪ فوج اليڪشن ۾ موجود رهي ته ڌانڌلي ۽ امن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس جو ڏيک

ن ليگ، پي ٽي آءِ کي الڳ رکڻ جي ڪوشش جو جواب ڏيندي؟ ناصر شاهه

سنڌ ۾ اسان کي تحريڪ انصاف مان ڪو خطرو ناهي، هر جاءِ تي مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار آهيون

ليول پليئنگ فيلڊ جي هاڻ ڳالهه ناهي رهي، پ پ کي ڪنهن چونڊن ۾ فيور ناهي ملي

پ پ جو فيور وٺڻ جو تصور غلط آهي، اسان نه اڳ لاڏلا بڻيا آهيون ۽ نه بڻجنداسين

سکر (رپورٽر) پ پ اڳواڻ ناصر شاهه چيو آهي ته سنڌ ۾ اسان کي تحريڪ انصاف مان ڪو خطرو ناهي، هر جاءِ تي مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار آهيون، اسان هڪ ڏينهن به چونڊن ۾ دير نٿا چاهيون. سکر ۾ صحافين سان ڳالهائيندي ناصر شاهه چيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

پ پ اڳواڻ ناصر شاهه ميڊيا سان ڳالهائيندي

فردوس شميم نقوي جي گهر کي سب جيل قرار ڏيڻ جو نوٽيفڪيشن معطل

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ نامزدگي ڪاغذ واپس وٺڻ لاءِ فردوس شميم نقوي تي دٻاءُ وجهڻ خلاف درخواست تي ٻڌڻي ٿي

عدالت اختيارين کي فردوس شميم خلاف عدالتي حڪمن بنا ڪارروائي ڪان روڪي ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ اڳواڻ فردوس شميم جي گهر کي سب جيل قرار ڏيڻ جو نوٽيفڪيشن معطل ڪري ڇڏيو سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ نامزدگي ڪاغذ واپس وٺڻ لاءِ فردوس شميم نقوي تي دٻاءُ وجهڻ خلاف درخواست تي ٻڌڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ڀارت ۾ اسرائيلي سفارتخاني ويجهو ڌماڪو

ڌماڪي جي اسرائيلي سفارتخاني جي ترجمان ڳائي نير تصديق ڪئي

ڌماڪي سبب عملي مان ڪنهن کي به نقصان ناهي پهتو

نئين دهلي (م ر د) ڀارتي راڄڌاني نئين دهلي ۾ اسرائيلي سفارتخاني جي ويجهو ڌماڪو ٿيو آهي. سفارتخاني جو سمورو عملو محفوظ رهيو. پرڏيهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

پشاور ۾ هڪ ٻيو ڪدڙو فقير بي دردي سان قتل

انڄاتل موٽر سائيڪل سوار فائرنگ ڪري ڪدڙي فقير کي قتل ڪري ڇڏيو

اطلاع ملندي ئي پوليس پهچي لاش اسپتال منتقل ڪيو

پشاور (م ر د) پشاور ۾ موٽر سائيڪل سوار هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ ڪدڙو فقير مارجي ويو. واقعو فقير آباد ٿاڻي جي حدن ۾ پيش آيو. جتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

حليم عادل شيخ جا نامزدگي ڪاغذ رد

پي ٽي آءِ اڳواڻ ڪراچي جي اين اي 238 تي فارم جمع ڪرايو هو

حليم عادل شيخ تي 9 مئي جي واقعن جو الزام آهي : حليم عادل جو وڪيل

تحريڪ انصاف اڳواڻ حليم عادل شيخ

ڪراچي (رپورٽر) تحريڪ انصاف اڳواڻ حليم عادل شيخ جا عام چونڊن ۾ حصو وٺڻ لاءِ نامزدگي ڪاغذ رد ڪيا ويا. حليم عادل شيخ جي ترجمان موجب پي ٽي آءِ اڳواڻ ڪراچي جي اين اي 238 تي فارم جمع ڪرايو هو پر اليڪشن ڪميشن طرفان نامزدگي ڪاغذ رد ڪيا ويا آهن پي ٽي آءِ اڳواڻ جي وڪيل چيو ته رٽرننگ آفيسر زباني ٻڌايو ته حليم عادل شيخ تي 9 مئي جي واقعن جو الزام آهي. ترجمان موجب اليڪشن ڪميشن جو فيصلو غير قانوني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

اي اين پي اڳواڻ اسفنديار ولي چونڊن ۾ حصو نه وٺڻ جو فيصلو ڪري ورتو

عوامي نيشنل پارٽي اسفنديار ولي جي چونڊن ۾ حصو نه وٺڻ جي تصديق ڪري ڇڏي

اسفنديار ولي بيماري سبب چونڊن ۾ حصو نه وٺي رهيو آهي : اي اين پي

پشاور(م د) عوامي نيشنل پارٽي جي سربراهه اسفنديار ولي چونڊن ۾ حصو نه وٺڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. عوامي نيشنل پارٽي اسفنديار ولي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

اسلام آباد ۾ هٿيارٻند اسان جو سائونڊ سسٽم ۽ بينرپٽي کڻي ويا

هڪ سئو کان وڌيڪ مظاهرين پوليس جي تحويل ۾ آهن : بلوچ يڪجهتي ڪاميٽي

ڳالهين وارين ڪاميٽي ۽ عدالتي حڪمن کان پوءِ 290 مظاهرين کي آزاد ڪري ڇڏيو آهي : پوليس

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) بلوچ يڪجهتي ڪاميٽي الزام مڙهيو آهي ته اسلام آباد ۾ لڳل ان جي احتجاجي ڪئمپ تان انڄاتل هٿيارٻند سائونڊ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

سلام بينظير
ايشيا جي عظيم ليڊر سنڌ راڻي شهيد محترمه بينظير ڀٽو صاحبه کي 16 هين ورسي جي موقعي تي کيس خراج تحسين پيش ڪيون ٿا ۽ وچن ٿا ڪيون ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي مشن کي بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ اڳتي وڌائي حقيقي جمهوريت قائم ڪرڻ لاءِ جدوجهد جاري رکنداسين
ڄام اويس گهرام جوکيو
اڳوڻو ايم پي اي
ڄام احسان جوکيو
چيئرمين ٽائون ڪميٽي گهارو
پاران

شهيد محترمه جي قيادت فقط هڪ سياسي ذميواري نه بلڪه هر اهڙي قوم لاءِ اميد جي ڪرڻ هئي: فريال ٽالپر

هڪ مسلم اڪثريتي ملڪ جي قيادت ڪندڙ پهرين عورت وزيراعظم جي حيثيت سان شهيد محترمه بينظير ڀٽو ڪوڙين روايتن کي ٽوڙيندي نئين سماجي اقدار جي بنياد رکي

شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي لازوال ميراث انهي تائين محدود ٿيل ناهي بلڪه ان ۾ خاص طور تي پٺتي پيل طبقن جون اهي زندگيون به شامل آهن

پاڪستاني عورتن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جون ڪاوشون صرف هڪ سياسي موقف نه پر هڪ اهڙي ماحول کي پروان چاڙهڻ جو ويزن هو

ڪراچي/اسلام آباد/لاڙڪاڻو (پ . ر) پاڪستان پيپلزپارٽي عورتن جي شعبي جي مرڪزي صدر فريال ٽالپر شهيد محترمه بينظير ڀٽو کي سندس شهادت واري ڏهاڙي تي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو آهي ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي قيادت فقط هڪ سياسي ذميواري نه بلڪه هر اهڙي قوم لاءِ اميد جي ڪرڻ هئي جيڪا ترقي، انصاف ۽ جمهوري اقدار جي تلاش/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 33

پي ٽي آءِ کان بيٽ جو نشان واپس وٺڻ جو فيصلو معطل ڪرڻ جو پشاور هاءِ ڪورٽ جو فيصلو درست آهي : اعتزاز احسن

سياسي جماعت کي نشان کان محروم نٿو ڪري سگهجي، چونڊ نشان پارٽي جي ملڪيت هوندو آهي

ووٽرن جي سهولت لاءِ نشان هوندا آهن، اهو اليڪشن ڪميشن جو اختيار به نه هو، پشاور هاءِ ڪورٽ جو فيصلو درست آهي

اسلام آباد (م ر د) سينيئر وڪيل اعتزاز احسن چيو آهي ته پي ٽي آءِ کان بيٽ جو نشان واپس وٺڻ جو فيصلو معطل ڪرڻ جو پشاور هاءِ ڪورٽ جو فيصلو درست آهي. نجي ٽي وي چئنل سان ڳالهائيندي اعتزاز احسن چيو ته سياسي جماعت کي نشان کان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ڪي ڊي اي عمارت نٿي سنڀالي سگهي ته ٻيو ڪهڙو ترقياتي ڪم ڪندي، روڊ ٺهندو آهي : نگران وڏو وزير

ڪي ڊي اي جي خوبصورت عمارت خراب ٿي رهي آهي، عمارت جا واش روم تباهه آهن : مقبول باقر

روڊ ٺهندو آهي، وري لائين وجهڻ لاءِ کوٽائي شروع ٿي ويندي آهي

نئون روڊ ٺهڻ کانپوءِ کوٽائي جي اجازت ڪير ڏيندو آهي؟ انهن مسئلن جو حل ڪڍيو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير مقبول باقر چيو آهي ته ڪي ڊي اي عمارت نٿي سنڀالي سگهي ته ٻيو ڪهڙو ترقياتي ڪم ڪندي، روڊ ٺهندو آهي. وري لائين وجهڻ لاءِ کوٽائي شروع ٿي ويندي آهي. جسٽس (ر) مقبول باقر جي صدارت هيٺ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ميان صاحب! پارٽي ۾ ڪم ڪندڙن کي سائيڊ لائين ڪيو پيو وڃي : حمزه شهباز

خاموشي جي هڪ زبان هوندي آهي پر ان کي ڪير ٻڌڻ ۽ سمجهڻ وارو ناهي هوندو

جن ماڻهن ڏکئي وقت ۾ پارٽي جو ساٿ ڏنو، تشدد برداشت ڪيو، انهن کي ٻڌڻ لاءِ ڪير تيار ناهي

ماڻهن کي سامهون آڻي ٻيهاريو ويو آهي ته پراڻي وفادار ورڪر جو هاڻ ڇا ٿيندو؟ : اجلاس دوران ڳالهيون

لاهور (م ر د) ن ليگ اڳواڻ حمزا شهباز چيو آهي ته ميان صاحب! پارٽي ۾ ڪم ڪندڙن کي سائيڊ لائين ڪيو پيو وڃي. لاهور ۾ ن ليگ قائد نواز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ڪراچي: نگران وڏو وزير جسٽس (ر) مقبول باقر ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ڀارت عربي سمنڊ ۾ جنگي سامونڊي جهاز مقرر ڪري ڇڏيا

نئين دهلي (م ر د) ڀارت عربي سمنڊ ۾ 3 جنگي سامونڊي جهاز مقرر ڪري ڇڏيا. پرڏيهي خابرو اداري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

آڊيو ليڪس جي معاملي تي بچاءَ واري وزارت اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ جواب جمع ڪرائي ڇڏيو

رڪارڊنگ جا ڪيترائي ٽولز دستياب آهن، جن کي ڪير به خريد ڪري سگهي ٿو : بچاءَ واري وزارت

اي آءِ سان آواز جي ڪنٽينٽ کي تبديل ڪري سگهجي ٿو، رڪارڊنگ سروس جي جاءِ رڳو سوشل ميڊيا ئي ڏئي سگهي ٿي

ڪالز ڪندڙ پاڻ ۾ رڪارڊ ڪري پوءِ ليڪ ڪري سگهن ٿا ۽ انهن جي فون به هيڪ ٿي سگهي ٿي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) آڊيو ليڪس جي معاملي تي بچاءَ واري وزارت اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ جواب جمع ڪرائي ڇڏيو پنهنجي جواب ۾ بچاءَ واري وزارت چيو آهي ته آڊيو رڪارڊنگ جا ڪيترائي ٽولز دستياب آهن. جن کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

پشاور: سي سي پي او سيد اشرف انور بشپ آف پاڪستان سان گڏ ڪرسمس جي موقعي تي ڪيڪ ڪٽي رهيو آهي

سعودي شخص تلوار هڻڻ کان اڳ پٽ جي قاتل کي معاف ڪري ڇڏيو

رياض (م ر د) هڪ سعودي شهري پنهنجي پٽ جي قاتل کي موت جي سزا ڏيڻ کان ڪجهه وقت اڳ اعليٰ ظرفي جو مظاهرو ڪندي ڪيس معاف ڪري ڇڏيو جده جي علائقي حمدانيه ۾ 5 سال اڳ معمولي ڳالهه تي جهيڙي جي نتيجي ۾ سعودي شهري جو پٽ مارجي ويو هو پرڏيهي خابرو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

سنڌ هاءِ ڪورٽ ايم ڊي ڪيٽ ۾ بي قاعدگين بابت درخواستون رد ڪري ڇڏيون

12_12 لک رپين جو پيپر وڪرو ٿيو آهي ۽ اهو اهوئي پيپر هو، جيڪو ليڪ ٿيو آهي : درخواستگذار جو وڪيل

ٻارن کي بي وقوف بڻائڻ جون ڳالهيون نه ڪيون، ماڻهن جو اعتماد خراب ٿي رهيو آهي ته پيپر ليڪ ٿي ويو : چيف جسٽس جا ريمارڪس

ڪراچي (م ر د) سنڌ هاءِ ڪورٽ ميڊيڪل اينڊ ڊينٽل ڪاليجن جي داخلا ٽيسٽ (ايم ڊي ڪيٽ) ۾ بي قاعدگين بابت درخواستون سڀني ڌرين جا دليل ٻڌڻ کانپوءِ رد ڪري ڇڏيون. ايم ڊي ڪيٽ ۾ بي ضابطگين بابت درخواستن جي ٻڌڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

احد چيما کي عهدي تان هٽائڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ٿي ويو: ڊويزن

احد چيما کي عهدي تان هٽائڻ جي معاملي تي چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا جي پنج رڪني بينچ ٻڌڻي ڪئي

احد چيما کي عهدي تان هٽائڻ جو نوٽيفڪيشن رات جو جاري ٿي ويو آهي: سيڪريٽري انعام الله

گهرو وزارت آءِ بي جي دهشتگردن جي واقعن تي رپورٽ جاري ڪئي آهي. اسلام آباد ۾ امن امان بابت به رپورٽ آهي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) سيڪريٽري اسٽيبلشمينٽ ڊويزن چيو آهي ته احد چيما کي عهدي تان هٽائڻ جو نوٽيفڪشن رات جاري ٿي ويو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

احد چيما (فائيل فوٽو)

سنڌ کي لٽيندڙن مان عوام تنگ ٿي چڪو آهي : بشير ميمڻ

پاڪستان نواز شريف جي قيادت ۾ ملڪ مضبوط ۽ مستحڪم ٿيندو

سنڌ جو عوام سنڌ ڌرتي ماءُ کي لٽيندڙن کان تنگ اچي چڪو آهي

هالا (رپورٽر) هالا ۾ نوازليگ جي سربراهه نواز شريف جي سالگره جي موقعي تي تقريب منعقد ڪئي وئي. سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو ۽ خوشي ۾ آتشبازي ڪئي وئي. نواز ليگ سنڌ جي صدر بشير ميمڻ تقريب کي خطاب ڪندي چيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

انتهائي حساس پولنگ اسٽيشنز تي ڪيمرا لڳائڻ جو فيصلو

اليڪشن ڪميشن سي سي ٽي وي ڪئميرائون لڳائڻ لاءِ چئني چيف سيڪريٽرين کي حڪم موڪلي ڇڏيا

ڊسٽرڪٽ رٽرننگ آفيسرن طرفان قرار ڏنل انتهائي حساس پولنگ اسٽيشنز تي ڳجهيون ڪئميرائون لڳايون وڃن : اليڪشن ڪميشن

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) اليڪشن ڪميشن سڄي ملڪ ۾ ٿيندڙ عام چونڊن دوران انتهائي حساس پولنگ اسٽيشنز تي سي سي ٽي وي ڪئميرائون لڳائڻ جو فيصلو ڪري ورتو. اليڪشن ڪميشن سي سي ٽي وي ڪئميرائون لڳائڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڪراچي جي صدر موبائل مارڪيٽ ۾ باهه، ڪيترائي دڪان سڙي ويا، ڪروڙن جو نقصان

سومر ۽ اڱاري جي وچين رات صدر جي علائقي ۾ موبائل مارڪيٽ ۾ باهه لڳي

باهه ڏگ ذريعي پهرين منزل تائين پهتي، باهه لڳڻ سبب ڪيترائي دڪان سڙي رک ٿي ويا

مارڪيٽ ۾ رات دير سان لڳل باهه تي 5 کان وڌيڪ فائر ٽينڊرن جي مدد سان قابو ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي صدر موبائيل مارڪيٽ ۾ باهه لڳڻ سبب ڪيترائي دڪان سڙي رک ٿي ويا. ڪروڙين رپين جو نقصان ٿي ويو. فائر برگيڊ عملدارن جو چوڻ آهي ته باهه ڏگ ذريعي پهرين منزل تائين پهتي. باهه لڳڻ سبب ڪيترائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

سکر ۾ 135 ڏينهن ٿي ويا، جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نہ ٿيا، احتجاج هلندڙ

سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي علامتي بک هڙتال وارو سلسلو جاري، ساڃاهہ وند شريڪ

جنرل سکر پريس ڪلب جي نائب صدر لالا شهباز پٺاڻ جنرل سيڪريٽري شهزاد تاباڻي ۽ ٻين شرڪت ڪئي

بک هڙتال بعد 6 جنوري 2024 تي سکر پريس ڪلب ۾ آل سنڌ جرنلسٽ ڪنوينشن منعقد ڪيو ويندو: مظاهرين

سکر (رپورٽر: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ 135 ڏينهن ٿي ويا پر شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نہ ٿيا. صحافين جي احتجاجي تحريڪ جاري آهي سکر يونين آف جرنلسٽ پاران سکر جي شهيد صحافي جان محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

سکر: صحافي جان محمد مهر جي قتل واقعي خلاف قلم ڌڻي احتجاج ڪري رهيا آهن

لکياري هائوس هنگورجا تي سيد ڪاظم علي شاهہ لکياري پاران بينظير جي ورسي تقريب

هنگورجا (رپورٽر) لکياري هائوس هنگورجا تي پاڪستان پيپلزپارٽي جي رهنما اڳوڻي ايم اين اي پير آف هنگورجا پير سيد ڪاظم علي شاهہ لکياري ۽ سيد محرم علي شاهہ لکياري جي صدارت هيٺ سنڌ ماتري جي شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ جي 16 ورسي 27 ڊسمبر تي لاڙڪاڻو هلڻ جي حوالي سان هڪ اهم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

جهڏو ۾ نادرا عملي جي زيادتين خلاف ڳوٺاڻي جو احتجاج، تدارڪ جي گهر

نادرا رجسٽريشن سينٽر ۾ مقرر اشوڪ ڪمار گهرواري جو فارم جمع نہ پيو ڪري: شهري

ٻن مهينن کان نادرا سينٽر جهڏو جا چڪر ڪاٽي رهيو آهيان گهربل سمورا ڪاغذ مون وٽ آهن

جهڏو (رپورٽر) جهڏو ۾ نادرا عملي جي زيادتين خلاف ڳوٺاڻي جو احتجاج، تدارڪ جي گهر، ملڪاڻي شريف جي رهواسي ٻيجل ولد جيئو ربياري ميڊيا سينٽر جهڏو تي احتجاج ڪندي ڏانهيندي چيو تہ جهڏو نادرا رجسٽريشن سينٽر ۾ مقرر اشوڪ ڪمار گهرواري جو قومي سڃاڻپ ڪارڊ ٺهرائڻ لاءِ فارم جمع نہ پيو ڪري هن چيو تہ مسلسل ٻن مهينن کان نادرا سينٽر جهڏو جا چڪر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ٻنون ۾ موبائيل ڪمپنين جا ٽاور بند هئڻ خلاف شهرين ۽ سياسي سماجي تنظيمن پاران احتجاج

شهرين ۽ مختلف سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻ غني جوش پليجو، محمد ميراڻي پاران مظاهرو

بنيادي سهولت ميسر ناهي موبائيل ڪمپنين زونگ ۽ ٽيلنور جا لڳل ٽاور وقت کان وٺي بند آهن: شهري

ٻنون ۾ لڳل موبائيل ڪمپنين جي ٽاورن کي فوري طور هلائي عوام ۾ بيچيني ختم ڪئي وڃي: ڳالهيون

دڙو (رپورٽر: شوڪت ميمڻ) ٻنون ۾ موبائيل ڪمپنين جا ٽاور بند هئڻ خلاف شهرين ۽ سياسي سماجي تنظيمن جو سخت احتجاج. فوري طور تي ٽاور چالو ڪرائي عوام کي مواصلاتي سهولتون ڏيڻ جي گهر. تفصيل موجب ٻنون ۾ موبائيل فون ڪمپنين جا ٽاور مسلسل بند هئڻ خلاف شهرين ۽ مختلف سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻ غني جوش پليجو، محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

دڙو: موبائيل ڪمپنين جا ٽاور بند هجڻ خلاف رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

ميهڙ ٽن ڏينهن کان گم ٿي ويل نينگر جو پتو نہ پئجي سگهيو وارث سخت پريشان

ميهڙ (رپورٽر) ميهڙ ٽن ڏينهن کان گم ٿي ويل نينگر جو پتو نہ پئجي سگهيو وارث سخت پريشان نينگر جي ڳولها لاءِ مدد جي اپيل تفصيل موجب ميهڙ پرسان احمد علي ڪالوني جو رهواسي پورهيت محمد سليمان لاشاري نيشنل پريس ڪلب ميهڙ پهچي احتجاج ڪندي ڏانهيو آهي تہ منهنجو 15 سالا نوجوان پٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ٽاروشاهہ سيارو ايندي ئي رولو ڪتن جو آزار وڌي ويو، انتظاميا جي نااهلي سبب آپريشن شروع نہ ٿيو

ٽاروشاهہ ۾ رولو ڪتن جو آزار وڌي ويو اڄ هڪ وڌيڪ همراهہ کي رولو ڪتن ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو، اسپتال داخل

زخمي رورل هيلٿ سينٽر ٽاروشاهہ پهتو تہ کيس ڊاڪٽرن اهو چئي موٽائي ڇڏيو تہ ويڪسين اسان وٽ موجود ناهي

رولو ڪتن خلاف ڪتامار مهم شروع ڪرائي وڃي تہ جيئن شهرين کي وڌيڪ ڪتن جي ڏاڙهڻ کان بچائي سگهجي

ٽاروشاهہ (رپورٽر راشد علي ميمڻ) ٽاروشاهہ سيارو ايندي ئي رولو ڪتن جو آزار وڌي ويو ٽاروشاهہ ٽائون انتظاميا جي نااهلي سبب ٽاروشاهہ ۾ رولو ڪتن جو آزار وڌي ويو اڄ هڪ وڌيڪ همراهہ کي رولو ڪتن ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو خبر موجب وارڊ نمبر 4 منگي محلا واسي هوٽل جو مزدور ٻهراڙي ڪندڙ راجا منگي کي رولو ڪتن ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو جڏهن هو ويڪسين ڪرائڻ رورل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ميونسپل سکر پاران قائداعظم محمد علي جناح جي 147 هين جنم ڏينهن تي پروقار تقريب

147 هين جنم ڏينهن ۽ ڪرسمس ڊي جي حوالي سان جيمخانا ڪلب سکر ۾ پروقار تقريب منعقد

ڪاروباري شخصيتن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ مسيحي برادري سميت برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت

قائداعظم محمد علي جناح عظيم ليڊر جنهن جي اڻٿڪ محنت سان پاڪستان آخرڪار دنيا جي نقشي تي اڀري آيو

سکر (رپورٽر: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ميونسپل سکر پاران قائداعظم محمد علي جناح جي 147 هين جنم ڏينهن ۽ ڪرسمس ڊي جي حوالي سان جيمخانا ڪلب سکر ۾ پروقار تقريب ڪوٺائي وئي، تقريب جو مهمان خاص ميئر سکر بئريسٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سکر: ميئر ارسلان اسلام شيخ ۽ ٻيا قائداعظم محمد علي جناح جي سالگرهہ جو ڪيڪ ڪاٽي رهيا آهن

ميهڙ فريدآباد لنڪ روڊ سر شاخ پرسان ٽريڪٽر ٽرالي جي ٽائر ڦاٽڻ سبب ڪلٽي، 60 زخمي

ميهڙ (رپورٽر) ميهڙ پرسان قاضي عارف روڊ سر شاخ وٽ پنڊ ماڙي جي رهواسي فقير بخت هيساڻي جي برادري جي ڄڃ درگاهہ عبدالله شاهہ گوڏيو ڏانهن سڪا کڻي ويندڙ ٽريڪٽر ٽرالي سر شاخ جي موري ڀرسان ٽائر ڦاٽي هجڻ سبب ڪلٽي ٿي پاڻي ۾ ڪري پئي جنهن سبب عورتن ۽ ٻارڙن سميت 30 کان وڌيڪ زائرين زخمي ٿي پيا حادثي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

نئون ديرو اسپتال ۾ هڪ ڏينهن ۾ چتن ڪتن جي ڏاڙهيل 19 زخمين کي آندو ويو

طبي امداد فراهم ڪرڻ بعد چتي ڪتي جي چڪ کان بچاءُ واري وئڪسين لڳائي وئي

ڏاڙهيل 19 زخمين مان 10 جو تعلق مدئجي ۽ 9 زخمين جو تعلق نئون ديرو سان آهي

قربان علي سولنگي، 16 ورهين جو محمد، 32 ورهين جو امتياز علي، جاويد احمد شامل

نئون ديرو (رپورٽر) نئون ديرو اسپتال ۾ هڪ ڏينهن ۾ چتن ڪتن جي ڏاڙهيل 19 زخمين کي علاج لاءِ آندو ويو جتي اسپتال عملي پاران زخمين کي طبي امداد فراهم ڪرڻ بعد چتي ڪتي جي چڪ کان بچاءُ واري وئڪسين لڳائي وئي. ان ڏس ۾ نئون ديرو اسپتال جي ذريعن کان مليل ڄاڻ موجب چتن ڪتن جي ڏاڙهيل 19 زخمين مان 10 جو تعلق مدئجي ۽ 9 زخمين جو تعلق /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

دادو ۾ تحريڪ انصاف سنڌ جو اڳواڻ مير شجاع خان پنهور دادو پريس ڪلب پهچي ويو

پي ايس 82 دادو جي صوبائي تڪ تي آزاد اميدوار جي حيثيت ۾ فارم ڀريا آهن: شجاع خان پنهور

ٻوڏ ۽ برسات سبب ضلعي جي عوام تمام گهڻيون تڪليفون برداشت ڪيون آهن جن جو ازالو ضروري آهي

پيپلز پارٽي جي اڳوڻن چونڊيل نمائندن جي ڪارڪردگي مان پريشان آهن جن عوام کي ڪجهہ نہ ڏنو آهي

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ تحريڪ انصاف سنڌ جو اڳواڻ مير شجاع خان پنهور دادو پريس ڪلب پهچي صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ مون جنرل اليڪشن ۾ حصو ورتو آهي اين اي 228 دادو جوهي تڪ، پي ايس 83 جوهي ۽ پي ايس 82 دادو جي صوبائي تڪ تي آزاد اميدوار جي حيثيت ۾ فارم ڀريا آهن، هاڻ دادو ضلعي جو عوام فيصلو ڪري تہ هو واري ڪنهن کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

دادو: پي ٽي آءِ اڳواڻ مير شجاع خان پنهور ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ٽنڊي ڄام ۾ سنڌ زرعي تحقيقي اداري ۽ يونيورسٽي جي سهڪار سان سهانجهڙي جي ٻوٽي بابت سيمينار

ٽنڊوڄام (رپورٽر) ٽنڊي ڄام ۾ سنڌ زرعي تحقيقي اداري ۽ سنڌ زرعي يونيورسٽي جي سهڪار سان سهانجهڙي جي ٻوٽي ۽ فصل بابت راشدي فارم وٽ سيمينار ڪوٺايو ويو، جنهن جي صدارت سنڌ زرعي يونيورسٽي جي اسسٽنٽ پروفيسر ڊاڪٽر تحسين فاطمہ مياڻو ڪئي. انهي موقعي تي سهانجهڙي جي ٻوٽي بابت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

منظورآباد ۾ ايس يو پي ليڊيز ونگ جو مرڪزي ڪنوينشن، چونڊن ۾ ياسمين ٽيبو صدر چونڊجي وئي

جيجي درشهوار جي 27 هين ورسي جي موقعي تي کيس شاندار ڀيٽا وڏي تعداد ۾ عورتن جي شرڪت

عظيم نياڻي جيجي درشهوار سيد جي اڄ ورسي آهي جيجي ايماندار ۽ وطن دوست ڪردار ادا ڪيو: اڳواڻ

فنانس سيڪريٽري نازيہ سولنگي چونڊجي وئي چونڊيل عورت اڳواڻن کان سيد زين شاهہ عهدن جو حلف ورتو

ماڇيجهند (رپورٽر: مهراڻ عمراڻي) منظورآباد ۾ ايس يو پي ليڊيز ونگ جو مرڪزي ڪنوينشن چونڊن ۾ ياسمين ٽيبو صدر ۽ سيڪريٽري آسما شاهہ چونڊجي وئي جيجي درشهوار جي 27 هين ورسي جي موقعي تي کيس شاندار ڀيٽا وڏي تعداد ۾ عورتن جي شرڪت تفصيل موجب منظورآباد ۾ ايس يو پي ليڊيز ونگ جو مرڪزي ڪنوينشن مرڪزي صدر سيد زين شاهہ جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ميرپور ساڪرو جي پي ايس 76 تان نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا آهن: شهناز بلوچ

پي ٽي آءِ سياسي پارٽين جي ڀيٽ ۾ ملڪ جي سڀ کان وڌيڪ مقبول ترين پارٽي آهي

اسان پنهنجي قائد عمران خان جي ويزن کي پورو ڪرڻ ۾ ان سان گڏ بيٺا آهيون: ڳالهيون

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) پاڪستان تحريڪ انصاف ليڊيز ونگ ضلعي ٺٽي جي ضلعي صدر ميڊم شهناز بلوچ صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ پاڪستان تحريڪ انصاف هن وقت ملڪ جي ٻين سياسي پارٽين جي ڀيٽ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ٽنڊو باگو لڳ ابوڙي ٽيل موري تي اکين جي ماهر ڊاڪٽر پاران ڪئمپ لڳائي وئي

مولانا ذوالقرنين لاکو جي تعاون سان هڪ ڏينهن جي مفت اکين ڪئمپ لڳائي وئي

عورتن ٻارڙن جون اکيون چيڪ ڪندي مريضن کي مفت اکين جا ڦڙا ۽ چشما ڏنا ويا

بدين (رپورٽر: مرتضيٰ ميمڻ) ٽنڊو باگو لڳ ابوڙي ٽيل موري تي اکين جي ماهر ڊاڪٽر ناصر احمد ميمڻ ۽ ڊاڪٽر عبدالله لغاري پاران مدرسہ دارالعلوم فاروقيہ ابوڙي ٽيل جي مولانا ذوالقرنين لاکو جي تعاون سان هڪ ڏينهن جي مفت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

بدين: اکين جي مفت لڳايل ميڊيڪل ڪئمپ ۾ ڊاڪٽر مريض جو معائنو ڪري رهيو آهي

فرينڊشپ فار ايور گروپ سٽ پاران عبدالخالق سومرو کي پريس ڪلب جو خزانچي چونڊجڻ تي مبارڪباد

گروپ جي وفد وحيد ڦلپوٽو جي اڳواڻي ۾ صحافي عبدالخالق سومرو وٽ پهچي کيس ڪاميابي تي مبارڪ ڏني

پريس ڪلب عوام جو ادارو آهي جتي مظلومن ۽ شهرين جو درد اعلي ايوانن تائين ذميواري سان پهچائيندا سين: صحافي

شڪارپور (ڊ) فرينڊشپ فار ايور گروپ جي سٽ پاران صحافي عبدالخالق سومرو کي شڪارپور پريس ڪلب جو خزانچي چونڊجڻ تي مبارڪباد ڏني /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

راڻيپور ڳوٺ ملڪو جي رهواسين پاران 2023 کي جنهڊو مشائخ جو تباهي جو سال قرار

سال 2023 جي آخري سج کي ڳوٺ جي ڀڳل ٽٽل پل تان بيهي الوداع ڪنداسين: علائقي واسي

انتظاميہ خاموش آهي، اليڪشن ۾ ووٽن لاءِ اميدوارن کي ڀڳل ٽٽل پل تي بيهي آئينو ڏيکاريندا سين

راڻيپور (رپورٽر) ڳوٺ ملڪو جي رهواسين سال 2023 کي يوسي جنهڊو مشائخ جي تباهي جو سال قرار ڏئي ڇڏيو ڳوٺاڻن چوڻ آهي تہ سال 2023 جي آخري سج کي ڳوٺ جي ڀڳل ٽٽل پل تان بيهي الوداع ڪنداسين، رپورٽ موجب راڻيپور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

اسلام آباد جي رهواسڻ ڇوڪري سکر جي نوجوان سان پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو، تحفظ جي گهر

ناري سدرا ڌي محمد جهانزيب نوجوان عبدالصمد سان پيار جو پرڻو ڪري تحفظ لاءِ احتجاج ڪيو

والد ڀاءُ ۽ چاچو اسلام آباد پوليس ذريعي منهنجي مڙس ۽ ان ڀائرن کي پريشرائيز ڪري رهيا آهن: ناري

سکر (رپورٽر: امداد علي گل ڪلوڙ) اسلام آباد رهواسڻ ڇوڪري ناري سدرا ڌي محمد جهانزيب سکر جي نوجوان عبدالصمد سان پيار جو پرڻو ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

سکر: پسند جو پرڻو ڪندڙ جوڙو تحفظ لاءِ احتجاج ڪري رهيو آهي

لاڙڪاڻو ۾ شهيد راڻي بينظير ڀٽو جي ورسيءَ ۾ قافلن جي آمد شروع، انتظام سخت

خدابخش ڀٽو ۾ ايندڙ داخلي رستن کي پارٽيءَ جي جهنڊن ۽ پينافليڪس سان سينگاريو ويو

ڏوڪريءَ ۽ باڊهہ مان نظير خان ٻگهيو، حزب الله خان ٻگهيو ۽ امر خان ٻگهيو جي اڳواڻي ۾ قافلو پهتو

نئون ديرو (رپورٽ شاد محمود ڀٽو) پاڪستان پيپلزپارٽي جي شهيد چيئرپرسن اسلامي دنيا ۽ پاڪستان جي پهرين چونڊيل عورت وزيراعظم شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو جي 16 هين ورسي اڄ ڳڙهي خدابخش ڀٽو ۾ انتهائي عقيدت ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

صحافي ماجد تگڙ تي ٽي ايم او نوشهرو فيروز پاران ڪيس داخل ڪرائڻ خلاف احتجاج

يونس راڄپر ايم ظفر تگڙ، شاهد چنا، عتيق الرحمان وسطڙو، افضل علي منگي احتجاجي مظاهرو ڪيو

ٽي ايم او خبرون هلائڻ تان منهنجي خلاف من گهڙت ايف آءِ آر داخل ڪري ڪرپشن لڪائڻ ٿو چاهي: صحافي

نوشهرو فيروز (رپورٽر: اسد علي عمراڻي) صحافي ماجد تگڙ تي ٽي ايم او لياقت ڀٽي نوشهرو فيروز پاران ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ڪرائڻ خلاف سنڌ صحافي اتحاد جي اڳواڻ يونس راڄپر ايم ظفر تگڙ شاهد چنا عتيق الرحمان وسطڙو افضل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

نوشهروفيروز: صحافي ماجد تگڙ تي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف قلم ڌڻي احتجاج ڪري رهيا آهن

بينظير ڀٽو جي ورسي ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ ٽرانسپورٽ نہ ڏيڻ خلاف احتجاج

پارٽي اميدوارن طرفان سپاف ضلع بدين جي جيالن کي ٽرانسپورٽ نہ ڏيڻ خلاف مظاهرو

مهاز سمون سمي الله بروهي اسد شاهہ جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) شهيد محترما بينظير ڀٽو جي ورسي ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ لاڙڪاڻي وڃڻ لاءِ پيپلزپارٽي جي ضلعي قيادت ۽ عام چونڊن ۾ پارٽي اميدوارن طرفان سپاف ضلع بدين جي جيالن کي ٽرانسپورٽ نہ ڏيڻ خلاف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

پيپلز پارٽي اليڪشن ۾ دير هڪ ڏينهن جي نہ ٿي چاهي: ناصر حسين شاهہ

پيپلز پارٽي کي فيور ملڻ جو تصور غلط آهي پ پ ڪنهن اليڪشن ۾ بہ فيور نٿي ملي

سينٽرل پنجاب ۾ مشڪل آهي مگر پيپلز پارٽي اليڪشن ۾ سرپرائيز ڏيندي: ميڊيا سان ڳالهيون

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) پيپلز پارٽي جو اڳواڻ سيد ناصر حسين شاهہ پريس ڪلب سکر ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي تہ بلاول ڀٽو زرداري ليول پلينگ فيلڊ جي ڳالهہ ڪئي تہ ڪجهہ ماڻهن جي ڏاڙهي ۾ خارش ٿي ڏاڙهي ۾ ڪک /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

پ پ اڳواڻ محمد علي شيخ جا پي ايس 23 روهڙي تي نامزدگي ڪاغذ بحال ٿي ويا

اسان روهڙي ۾ گذريل 40 سالن کان عوام جي خدمت ڪري رهيا آهيون: محمد علي شيخ

هن علائقي ۾ صحت، تعليم، صاف پاڻي، تفريحي پارڪن جي سخت ضرورت آهي: ڳالهيون

سکر (رپورٽر: امداد علي گل ڪلوڙ) پ پ اڳواڻ محمد علي شيخ پي ايس 23 روهڙي تي نامزدگي ڪاغذ بحال ٿيڻ ڪانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ: اسان روهڙي ۾ گذريل 40 سالن کان عوام جي خدمت ڪري رهيا آهيون ۽ هاڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

سکر: پ پ اڳواڻ محمد علي شيخ نامزدگي فارم جمع ڪرائڻ بعد ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

اليڪشن ويجهو ايندي ئي سياسي سرگرميون شروع، وايو منڊل تبديل ٿيڻ جا چٽا امڪان

نوشهروفيروز جي عوام پاران ڪنهن پراڻي سياسي وڏيري بدران نوجوانن کي ووٽ ڏيڻ جو فيصلو

پوتارڪي سياست ڪيترن ئي سالن کان عوام کي بيوقوف ڪندي پئي اچي: محمد رفيق لاشاري

شاهد حسين ابڙو۔ وقار احمد ابڙو پاران ڪيپي اسان کي نوجوان علي گل خان علي گل خان جا نعرا پڻ هنيا

نوشهروفيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) اليڪشن ويجهو ايندي ئي سياسي سرگرميون شروع ٿي ويون - پراڻن پوتارن پاران عوام ڏانهن رڪ. سياسي وايو منڊل تبديل ٿيڻ جا چٽا امڪان. عوام پاران ڪنهن پراڻي سياسي وڏيري بدران نوجوانن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

نوشهروفيروز: اليڪشن ۾ حصو وٺندڙ نوجوان محمد رفيق لاشاري آجيان ڪئي پئي وڃي

دادو ۾ سماجي تنظيم جي سهڪار سان نجي ڪئمپس ۾ سنڌي ثقافتي تقريبون منعقد

دادو (رپورٽر: عزيزالله خاصخيلي) سنڌ ۾ بهتر تعلم ۽ ڪوالٽي لجوڪشن جي واڌاري ۾ "سنڌ اجوڪشن فائونڊيشن" جي اهم ڪردار کي فراموش نہ ٿو ڪري سگهجي. شهرت خاتون، سماجي تنظم بسڪ اربن سروسز فار ڪچي آبادي (بستي) جي زير انتظام هيٺ سنڌ لجوڪشن فائونڊيشن جي مدد سان هلندڙ AALTp/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

چونڊن ۾ حصو وٺندڙ اميدوارن جي نامزدگي ڪاغذن جي ڇنڊڇاڻ جو سلسلو جاري

ڪاغذ مقرر ٿيل رٽرننگ آفيسرن پاران ڇنڊ ڇاڻ جو سلسلو گذريل ٻن ڏينهن کان جاري

تحريڪ انصاف جي اميدوار وحيد رند. ايم ڪيو ايم جي اميدوارن سميت ٻين جا فارم رد

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽي ضلعي مان عام چونڊن ۾ حصو وٺندڙ اميدوارن جي نامزدگي ڪاغذن جي ڇنڊڇاڻ جو سلسلو جاري آهي. ٺٽي مان قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 225 ۽ ٻن صوبائي تڪن پي ايس 75 ٺٽو ۽ پي ايس 76 ميرپور ساڪرو تان اليڪشن ۾ حصو وٺندڙ اميدوارن جا نامزدگي ڪاغذ مقرر ٿيل رٽرننگ آفيسرن پاران ڇنڊ ڇاڻ جو سلسلو گذريل ٻن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ميونسپل ملازمن پاران پگهارن لاءِ احتجاج صحافي ۽ 10 ملازمن تي ايف آءِ آر داخل، مظاهرو

چيف ميونسپل آفيسر لياقت ڀٽي مهرجي پيو ۽ صحافي ماجد تگڙ ۽ ٻين تي ڪيس داخل ڪرائي ڇڏيو

عبدالستار عمراڻي، نائب قاصد منور راجپوت ۽ سوئيپرن شاهد شيخ، توفيق پيرزادو سميت 11 ڄڻن تي ڪيس داخل

سنڌ صحافي اتحاد پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ۽ ميونسپل ڪاميٽي جي ڪرپٽ آفيسرن خلاف سخت نعري بازي

نوشهرو فيروز (ڊ ر) ميونسپل ملازمن پاران پگهارن لاءِ احتجاج ڪرڻ ۽ خبرون هلائڻ تي هڪ صحافي ۽ 10 ملازمن تي ايف آءِ آر داخل. سنڌ صحافي اتحاد جو احتجاجي مظاهرو. رپورٽ موجب ميونسپل ڪاميٽي نوشهرو فيروز جي ملازمن کي ٽن مهينن جون پگهارون نہ ملڻ تي ملازمن پاران مسلسل احتجاج تي چيف ميونسپل آفيسر لياقت ڀٽي مهرجي پيو ۽ صحافي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

نوشهروفيروز: صحافي ماجد تگڙ تي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف قلم ڌڻي احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽرڙي محبت ٽاٽي جي حد ۾ انڊس هاءِ وي تي قتل ٿيل الهڏنو سوڍر جي وارثن پاران احتجاج

ميهڙ (رپورٽر) ميهڙ هڪ مهينو اڳ بريدارو اسٽاپ پرسان انڊس هاءِ وي تي ڄڃ سان گڏ ويندڙ موٽرسائيڪل سوار ڦر دوران مزاحمت تي قتل ٿيل نوجوان الله ڏنو سوڍر جا قاتل گرفتار نہ ٿي سگهيا قاتل جوابدارن جي گرفتاري لاءِ مقتول جي امڙ مسمات مومل خاتون، ڀيڻ اميران بيگم، والد عبدالمجيد سوڍر، ايس يو پي اڳواڻ سڪندر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

جنرل اليڪشن 2024 جو دنگل شروع ٿيندي ۽ نامزدگي فارمز جي جمع ٿيڻ جو سلسلو تيز

سياسي پارٽين سميت آزاد اميدوارن رٽرننگ آفيسر تي هٿرادو فارم رد ڪرڻ جو الزام هنيو آهي

الطاف احمد ملاح _ عبدالله آدم گندرو قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ سنڌي ياسر جاکرو جو احتجاج

آزاد اميدوارن جا آر او فارم رد ڪيا ويا آهن، اميدوار پاران انهي سلسلي ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ سان رابطو ڪيو: اميدوار

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) جنرل اليڪشن 2024 جو دنگل شروع ٿيندي ۽ نامزدگي فارمز جي جمع ٿيڻ ۽ جانچ پڙتال دوران مختلف سياسي پارٽين جي اميدوارن پاران ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪميشن ٺٽو جي پاليسين تي عدم اعتماد ظاهر ڪندي مختلف سياسي پارٽين سميت آزاد اميدوارن رٽرننگ آفيسر تي هٿرادو فارم رد ڪرڻ جو الزام هنيو آهي جنهن ۾ مختلف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

محرابپور ۽ آسپاس ۾ يوريا ڀاڻ جي هٿرادو کوٽ ۽ ڪلر بليڪ تي وڪرو خلاف احتجاجي مظاهرو

جسقم ڪارڪنن تعلقي محرابپور پاران محرابپور مين گيٽ آڏو احتجاجي ڪئمپ قائم ڪري ورتي

محرابپور ۾ ڪلر جي ڊيلرن پاران غريب هارين سان ظلم جي انتها ڪري ڇڏي آهي: مظاهرين جون ڏانهون

اسان جي ڪئمپ روزانو جي حساب سان جاري رهندي جيستائين غريب هارين کي ڪلر سرڪاري ريٽ تي نہ ملندو

محرابپور (رپورٽر: مجاهد علي سامتيو) محرابپور ۽ آسپاس ۾ يوريا ڀاڻ جي هٿرادو کوٽ ۽ ڪلر بليڪ تي وڪرو خلاف جسقم تعلقي محرابپور پاران محرابپور مين گيٽ آڏو احتجاجي ڪئمپ قائم ڪري ورتي ان موقعي تي خطاب ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

محرابپور: زرعي ڀاڻ جي بليڪ تي وڪري خلاف جسقم اڳواڻ ۽ ڪارڪن احتجاج ڪري رهيا آهن

مون تي لڳايل الزام ڪوڙا ۽ بي بنياد آهن، شفاف جاچ ڪرائي وڃي: اشرف قريشي

سانگهڙ (رپورٽر) مون تي لڳايل الزام ڪوڙا ۽ بي بنياد آهن پوليس اهلڪار اشرف قريشي، ڪالهہ آئون پنهنجي ڪم تي وڃي رهيو هوس تہ شهمير پنهور ڪالوني ۾ چئن جوابدارن مون تي حملو ڪري زخمي ڪري ڇڏيو، مخالف منهنجي ڪميٽي جا 3 لک 60 هزار رپيا هڙپ ڪرڻ چاهين ٿا. تفصيل موجب: پوليس اهلڪار اشرف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

دادو لڳ رکڻ ٿاڻي جي حد ڳوٺ گل بيگ پنهور جي رهواسڻ پاران پاڪ ڪتاب کڻي احتجاج

مسمات شاهان زال عبدالحميد پنهور پنهنجن معصوم پٽن حمزہ علي ۽ حماد علي احتجاج مظاهرو ڪيو

ڳوٺ سعيدي موسائي جو پريمي جوڙو حسين پنهور ۽ رابعہ پنهور کي پنهنجي گهر ۾ پناهہ ڏني هئي: شاهان پنهور

مبينا گهر ۾ پيل امانتي 4 تولا سون کڻي فرار ٿي ويا آهن، مهينو گذري ويو جوابدار گرفتار نہ ٿيا آهن: ميڊيا سان ڳالهيون

دادو (ن سنڌيار) دادو لڳ رکڻ ٿاڻي جي حد ڳوٺ گل بيگ پنهور جي رهواسڻ مسمات شاهان زال عبدالحميد پنهور پنهنجن معصوم پٽن حمزہ علي ۽ حماد علي سميت ڪلام پاڪ کڻي دادو پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪندي ڏانهيو تہ ڳوٺ سعيدي موسائي جو پريمي جوڙو حسين پنهور ۽ رابعہ پنهور کي پنهنجي گهر ۾ پناهہ ڏني هئي. جنهن مبينا گهر ۾ پيل امانتي 4 تولا سون کڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ڪراچي جي سچل ٿاڻي جي حد اندر ٿيندڙ ڌوهن تي ضابطو نہ اچي سگهيو

ايس ايڇ او اورنگزيب خٽڪ ڌوهارين جو ساٿاري ٻٽيل آهي پنهنجي ڌوهارين حوالي ڪري ڇڏي

ڌوهاري سرعام وارداتون ڪري رهيا آهن مگر پوليس خلاف ڪا بہ ڪارروائي ڪرڻ جي لاءِ تيار نہ آهي

سياسي سماجي اڳواڻن ڪامريڊ شبير راڄپر هارون جمالي مقصود سنجراڻي رمضان گبول احتجاج ڪيو

ڪراچي (باغي ساگر پهنوار) ڪراچي جي سچل ٿاڻي جي حد اندر ٿيندڙ ڌوهن تي ضابطو نہ اچي سگهيو آهي سچل ٿاڻي جو ايس ايڇ او اورنگزيب خٽڪ ڌوهارين جو ساٿاري ٻٽيل آهي پنهنجي ڌوهارين حوالي ڪري ڇڏي آهي جنهن سبب ڌوهاري سچل ٿاڻي جي حد اندر ڪيترين ئي سرعام وارداتون ڪري رهيا آهن مگر پوليس انهن جي خلاف ڪا بہ ڪارروائي ڪرڻ جي لاءِ تيار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ڪراچي: بدامني خلاف رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

مٽياري جي ڊپٽي ڪمشنر پاران بوائز ڊگري ڪاليج ۾ قائم سينٽر جو دورو

مٽياري (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر/ ضلعي رٽرننگ آفيسر (ڊي آر او) مٽياري لعل ڏنو منگي ضلعي اليڪشن ڪمشنر مسعود احمد قريشي سان گڏجي بوائز ڊگري ڪاليج مٽياري ۾ 8 فيبروري تي ٿيندڙ عام چونڊن لاءِ پولنگ عملي کي تربيت فراهم ڪرڻ لاءِ قائم سينٽر جو دورو ڪيو. هن جاري تربيتي عمل جو معائنو ڪير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

شهدادڪوٽ ۾ گئس جو پريشر گهٽ ۽ اڻ اعلانيہ لوڊشيڊنگ خلاف شهري روڊن تي نڪري آيا

سياسي، سماجي، مذهبي جماعت جي ڪارڪنن ۽ شهرين وهاب پندراڻي جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي

ايس ٽي پي اڳواڻ امداد سومرو، جماعت اسلامي امتياز شيخ، ابراهيم دايو، ايڊووڪيٽ زاهد مستوئي شريڪ

صبح جي وقت معصوم ٻار ۽ ڊيوٽين سميت ڪم تي ويندڙ مسڪين ماڻهون بک تي وڃن ٿا: مظاهرين جو الزام

شهدادڪوٽ (شاهد اعوان) شهدادڪوٽ ۾ گئس جو پريشر گهٽ، گئس جي بندش ۽ اڻ اعلانيہ لوڊشيڊنگ خلاف شهري روڊن تي نڪري آيا. گئس آفيس جي گيٽ اڳيان ڌرڻو، شهر جي مختلف سياسي، سماجي، مذهبي جماعت جي ڪارڪنن ۽ شهرين شهري اتحاد جي صدر ڪامريڊ وهاب پندراڻي، قوم پرست اڳواڻ ۽ شهري اتحاد جي جنرل سيڪريٽري حيدر ميرجت، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي *** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اربع 27 ڊسمبر 2023ع

ڪورونا جا وڌندڙ ڪيس ۽ احتياطي اُپائن جي ضرورت

سڄي دُنيا ۾ تباهي مچائيندڙ ڪووڊ_19 جا ڪيس تيزيءَ سان وڌي رهيا آهن ۽ ماحولياتي تبديلين سبب ڪووڊ جا نوان نوان ويريئنٽ سامهون اچي رهيا آهن. هن وقت JN_1 ويريئنٽ جا نوان ڪيس ڀارت، چين، آمريڪا ۽ برطانيا ۾ سامهون آيا آهن. صحت بابت گڏيل قومن جي اداري (ڊبليو ايڇ او) خبردار ڪيو آهي ته. ڪورونا جي ڪيسن ۾ ڏهه سيڪڙو واڌ ٿي آهي. سال 2000ع ۾ پنج لک ماڻهو متاثر ٿيا هئا. 2019ع ۾ اهو تعداد وڌي 25 لک تي پهچي ويو ۽ هاڻي ان ۾ خطرناڪ واڌ نظر پئي اچي. صحت جي عالمي اداري (ڊبليو ايڇ او) موجب شديد ۽ بار بار برساتن، گهم، شديد گرمي ۽ موسمياتي تبديلين جي ڪري مڇرن جي انداز ۾ تبديلي ٿي رهي آهي ۽ ڊينگي جا نوان نوان ويريئنٽ سامهون اچي رهيا آهن. واضح رهي ته. صحت جي عالمي اداري ان کان اڳ آڪٽوبر 2023ع ۾ خبردار ڪيو هو ته. هلندڙ سال ڊينگي ڪُجهه ملڪن ۾ وبائي صورت اختيار ڪري سگهي ٿو. ڊينگي جي وڌندڙ ڪيسن جي ڪري جيڪڏهن هن وقت کان ئي احتياطي اُپاءَ نه ورتا ويا ته. اها وبا جيڪا چين مان اُٿي هئي ۽ پوءِ سڄي دُنيا ۾ ڦهلجي وئي، هاڻي به ان جي شديد ۽ وسيع پيماني تي ڦهلاءَ کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي.

ڪووڊ_19 سبب سڄي دُنيا ۾ وڏي تباهي آئي. هن گرهه تي ڄڻ ته هر شئي بيهي رهي، ڪاروبار تباهه ٿي ويا ۽ ماڻهو پنهنجي گهرن تائين محدود رهيا پران جي باوجود به لکين ماڻهن جون حياتيون ڪووڊ ڳڙڪائي ويو. هاڻي ته بهرحال وئڪسين موجود آهي پر اڳ جڏهن وئڪسين موجود نه هئي ته گهڻو نقصان ٿيو پر پوءِ وئڪسين جي اچڻ جي ڪري ڪيسن ۾ واڌ تي ڪنٽرول ممڪن بڻجي سگهيو، هن وقت به جيئن ته وئڪسين موجود آهي پر اُها ڪووڊ جي نئين ويريئنٽ لاءِ ڪيتري اثرائتي هوندي، ان حوالي سان صحت جا ماهر ئي ٻڌائي سگهن ٿا. جيئن ته ڪووڊ جي ڪيسن کي ڪنٽرول ڪرڻ جو واحد طريقو لاڪ ڊائون رهيو آهي. ماڻهن کي سرگرميون محدود ڪرڻيون پونديون آهن، ميل جول گهٽائڻو پوندو آهي. ايس او پيز تي سختيءَ سان عمل ڪرڻو پوندو آهي. تڏهن ئي ڪنهن حد تائين ان موتمار وائرس تي ڪنٽرول ممڪن بڻجي سگهندو آهي. هن وقت به جيئن ته سڄي دُنيا گڏيل قومن جي صحت واري اداري جي الرٽ جاري ڪرڻ ڪانپوءِ محتاط بڻجي وئي آهي ۽ اسان جي ملڪ ۾ پڻ ان وڌندڙ خطري کي منهن ڏيڻ لاءِ تياريون ڪرڻ گهرجن، ايس او پيز جاري ڪرڻ گهرجي ۽ انهن تي سختيءَ سان عمل ڪرائڻ گهرجي. پر اسان وٽ جيئن ته اليڪشن ٿي رهي آهي، چونڊ سرگرميون جاري آهن، ان ڪري ٿيو نه ته به ايترو ضرور ڪري سگهجي ٿو جو ايس او پيز جاري ڪيا وڃن ۽ ماسڪ کي لازمي قرار ڏنو وڃي ۽ غير ضروري گهرن کان نڪرڻ توڙي ميل جول گهٽائڻ گهرجي. ان سان گڏوگڏ ملڪ جي انٽري پوائنٽس تي چڪاس لاءِ سختي وڌائي وڃي ۽ قرنطينه مرڪز قائم ڪيا وڃن. پوءِ ڀلي اهي محدود پيماني تي ئي هجن پر انهن لاءِ قدم هينئر کان ئي کنيا وڃن.

2019ع ۾ جڏهن ڪورونا جو ڦهلاءُ ٿيو هو، ان وقت ملڪ ۾ پي ٽي آءِ جي حڪومت هئي ۽ تڏهوڪي وزيراعظم جي هوڏ اها هئي ته. لاڪ ڊائون لاڳو نه ڪيو وڃي ۽ ان هوڏ جي ڪري گهڻو نقصان ٿيو ۽ جڏهن صوبن پاڻمرادو لاڪ ڊائون ڪيو ته. پوءِ وزيراعظم طرفان به اگر مگر بعد لاڪ ڊائون جو فيصلو ڪيو ويو. هن وقت ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته. هاڻي کان ئي تياريون ڪيون وڃن. ٽيسٽ جون ڪِٽس مناسب تعداد ۾ گهرايون وڃن، وئڪسين جي ڊوزن جو انتظام ڪيو وڃي ۽ ان کانسواءِ وينٽيليٽرن جو پڻ انتظام ٿيڻ گهرجي. ڇو ته ڏٺو اهو ويو آهي ته. هن وائرس جي ڦهلاءَ ۾ اوچتو گهڻي تيزي اچي ويندي آهي ۽ ائين نه ٿئي جو سستي ۽ لاپرواهي جي ڪري وڏو نقصان کڻڻو پوي.

شهيد محترمه بينظير ڀٽو، ڌرتي ۽ عوام سان محبت ۽ بهادري جو تاريخي مثال

شرجيل انعام ميمڻ

شهيد محترمه بينظير ڀٽو کي اسان کان وڇڙي 16 سال ٿي ويا آهن پر سندس مظلوميت واري موت جو ڏک اڄ به تازو آهي. هن عظيم سانحي بابت سوچي اڄ به روح ڏڪي وڃي ٿو. جڏهن 27 ڊسمبر 2007 تي راولپنڊي جي لياقت باغ ۾ دهشتگردن حملو ڪري ڪيس بيدردي سان شهيد ڪيو هو. ان افسوسناڪ واقعي سان نه صرف پاڪستاني عوام پر سموري دنيا ۾ جمهوري قوتن کي هڪ اهڙو صدمو رسيو جيڪو ڏک ۽ اداسي جي صورت ۾ نسل در نسل منتقل ٿي رهيو آهي.

اڄ به اڪثر اهو سوال ڪندا آهن ته جڏهن شهيد محترمه بينظير ڀٽو کي پهريان کان علم هو ته سندس جان کي خطرو آهي ته پوءِ هو 8 سالن جي جلاوطني ختم ڪري وطن واپس ڇو آئي؟ انهن ماڻهن جي سوال جو جواب اهو آهي ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو کي صرف ان ڳالهه جو علم ئي نه هو پر يقين هو ته ڪجهه ملڪي ۽ عالمي قوتون گڏجي ڪيس قتل جو منصوبو ٺاهي چڪيون آهن. ان منصوبي کان نه صرف پرڏيهي حڪومتن ڪيس آگاهه ڪيو هو پر هن پاڻ به ڪجهه عالمي اڳواڻن ۽ ميڊيا جي نمائندن کي ان منصوبي بابت ٻڌايو هو. هن ان وقت جي صدر جنرل پرويز مشرف کي به باقاعده طور ان منصوبي بابت ٻڌايو هو. ان باوجود هو وطن واپس آئي ۽ هن ان سوال جو جواب پاڻ ئي ڏنو هو. هڪ انٽرويو ۾ هن ٻڌايو هو ته "اسان دليلن تي ڳالهائيندڙ مرد ۽ عورتون آهيون. اسان جا به نظريا ۽ جذبات آهن. اسان کي معلوم آهي ته ڪيئن زنده رهڻو آهي ۽ ڪيئن مرڻو آهي. تاريخ شهيدن پاران لکي ويندي آهي. تاريخ انقلاب جي ڏاڳن سان سبي ويندي آهي.

18 آڪٽوبر 2007 تي جڏهن شهيد بينظير ڀٽو دبئي کان رواني ٿي رهي هئي ته اُن وقت به ڪائنس سڀ ماڻهو اهو چئي رهيا هئا ته هو وطن واپس نه وڃي. ڇاڪاڻ ته سندس جان کي خطرو آهي. پر هو بار بار هڪ ئي ڳالهه چئي رهي هئي ته مان پنهنجي عوام کي اڪيلو نه ڇڏينديس. اسان جو جيئڻ ۽ مرڻ عوام سان آهي. ان ڏينهن جڏهن هوءَ ڪراچي ايئرپورٽ تي لٿي ته اتي عوام جو هڪ سمنڊ استقبال لاءِ موجود هو. هي اهو تاريخي ڏينهن هو. جڏهن پاڪستان جي عوام فيصلو ڏئي ڇڏيو هو. هو محترمه بينظير ڀٽو جي قيادت ۾ هڪ پرامن. ترقي يافته ۽ جمهوري پاڪستان چاهين ٿا. 18 آڪٽوبر 2007 تي پاڪستان ۾ انقلاب برپا ٿي چڪو هو. جمهوريت عوام دشمن قوتن عوامي طاقت کي ڪچلڻ لاءِ بارود جي طاقت جو استعمال ڪيو ۽ دهشتگردن جي ذريعي محترمه بينظير ڀٽو تي حملو ڪري ڇڏيو ته هو هر حال ۾ شهيد بينظير ڀٽو کي جسماني طور تي عوام کان جدا ڪرڻ جي منصوبي تي بيحرميءَ سان عملدرآمد ڪرڻ چاهين ٿا. دهشتگردي جي ان واقعي ۾ تقريبن 200 جمهوريت پسند شهيد ۽ ڪيترائي زخمي ٿي ويا. ان واقعي ۾ محترمه بينظير ڀٽو ته بچي وئي، پر سندس ڪتاب "مفاهمت" جا ورق شهيدن جي خون ۾ رنڱجي ويا. ان ڪتاب ۾ پاڪستان سميت سڄي دنيا دهشتگردي جي خاتمي ۽ پرامن عالمي معاشري جي قيام لاءِ اهو حل ڏنو ته دنيا ۾ جمهوريت کي ترجيح ڏني وڃي ۽ غريب ۽ امير جي وچ ۾ فرق کي ختم ڪيو وڃي. اهو تڏهن ممڪن ٿيندو، جڏهن تڪرار جي بدران هر جاءِ مفاهمت جو رستو اختيار ڪيو ويندو.

ان جو مطلب اهو آهي ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو هڪ عالمي ليڊر طور تي عظيم مشن کڻي 18 آڪٽوبر، 2007 تي پاڪستان جي سرزمين تي لٿي هئي ۽ هن مشن جي پڄاڻي به تڏهن ئي ممڪن هئي ته اها پاڪستان جي عوام سان گڏ رهي ڪري پنهنجي جدوجهد جو آغاز ڪري ها. ان جي مشن جو پهريون مرحلو اهو هو ته پاڪستان ۾ جمهوريت بحال ٿئي. ان ڪانپوءِ سڄي دنيا جي جمهوري ۽ امن پسند قوتن کي گڏ ڪري دهشتگردي جو خاتمو ڪجي ۽ جمهوري ۽ سياسي عمل لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪري دنيا مان غربت جو خاتمو ڪيو وڃي. عوام کان پري رهي هن مشن جي تڪميل ممڪن نه هئي. 18 آڪٽوبر، 2007 تي ڪراچي ۾ ٿيندڙ سانحو ڪارساز ڪانپوءِ ٻيهر شهيد محترمه بينظير ڀٽو کي پارٽي رهنمائن ۽ ڀين به بهرحال اهو مشورو ڏنو ته هو ٻيهر پاڪستان مان ٻاهر وڃي ۽ ٻاهر ويهي ڪري هي انتخابي مهم هلائي. 19 آڪٽوبر، 2007 تي هن سانحي ڪانپوءِ جڏهن بلاول هائوس ڪراچي ۾ هن پريس ڪانفرنس ڪئي ته هن کان ڪنهن صحافي سوال ڪيو ته 18 آڪٽوبر جي واقعي ڪانپوءِ به ڇا توهان چونڊن لاءِ عوامي رابطا مهم هلائيندا؟ ان تي هن بنا ڪنهن توقف جي جواب ڏنو "اهي ماڻهو به اهوئي چاهين ٿا ته آئون چونڊ مهم نه هلايان ۽ واپس هلي وڃان. اهي ماڻهو اهو چاهين ٿا ته پاڪستان ۾ حقيقي جمهوريت بحال نه ٿئي پر هاڻي جمهوريت بحال نه ٿي ته پاڪستان لاءِ خطرا وڌي ويندا. آئون پنهنجي ماڻهن سان گڏ رهندس.

وري دنيا ڏٺو ته شهيد بي بي ٻيهر عوامي رابطا مهم شروع ڪري ڇڏي. هوءَ هر جلسي ۾ اهو ئي چوندي هئي ته آئون پاڪستان ۾ جمهوريت لاءِ پنهنجي جان جو رسڪ کڻي آئي آهيان. 18 آڪٽوبر جي سانحي ڪانپوءِ هن پنهنجي ڪتاب مفاهمت ۾ ڪجهه وڌيڪ اضافو ڪيو ۽ هڪ هنڌ لکيائين ته "مون پنهنجي والد جي گرفتاري، قيد ۽ قتل جا عذاب ڀوڳيا هئا ۽ ڄاڻندي هئس ته روح جا اهڙا زخم ڪڏهن به نه ڀرجندا. پنهنجي والد جي موت تي جيڪا تڪليف مون ڀوڳي، ان کان پنهنجن ٻارن کي بچائڻ لاءِ آئون ڪجهه به ڪرڻ لاءِ تيار هئس. مگر اهو واحد ڪم هو جيڪو آئون نٿي ڪري سگهيس. "محترمه بينظير ڀٽو جي انهن لفظن مان اهو اندازو لڳائڻ مشڪل ناهي ته هوءَ پنهنجن ٻارن سان تمام گهڻو پيار ڪندي هئي ۽ ڪين پنهنجي موت جو صدمو به نٿي ڏيڻ چاهيو. ان جي باوجود هن شعوري طور تي پنهنجو موت قبول ڪيو. انتخابي مهم جي دوران هڪ ڀيرو هوءَ ڳڙهي خدا بخش ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي مزار تي وئي ۽ مزار جا سمورا دروازا بند ڪرائي اڪيلي ڪيترائي ڪلاڪ ويٺي رهي. انهيءَ ڏينهن ئي ماڻهن کي اندازو ٿي ويو هو ته شهيد بي بي کي پنهنجي موت جو پورو يقين آهي. ان ڪانپوءِ هوءَ ٻيهر انتخابي مهم تي نڪري وئي. انهيءَ دوران به ماڻهو ڪيس چوندا رهيا ته جلسن ۾ نه وڃو. پر سندس اهو ئي جواب هوندو هو ته مون جيڪڏهن ائين ڪيو ته پاڪستان جي لاءِ خطرا وڌي ويندا. پوءِ اهو ئي ٿيو. 27 ڊسمبر 2007ع تي هوءَ عوام جي وچ ۾ ئي شهيد ٿي وئي. اڄ جيڪڏهن پاڪستان ۾ جمهوريت آهي ته شهيد بي بي جي قربانين جو نتيجو آهي. شهيد بي بي تاريخ ۾ بهادري ۽ جرئت مندي جو مظاهرو ڪيو. شهيد بي بي پنهنجي ڌرتي ۽ ماڻهن سان محبت ڪندي هئي. هن پنهنجي قرباني سان پنهنجي ڌرتي ۽ پنهنجن ماڻهن سان اڻ ٽٽندڙ رشتو قائم ڪيو آهي جيڪو هميشه قائم رهندو. اسان سيني تي شهيد بي بي جي خون جو قرض آهي ته اسين پاڪستان ۾ حقيقي جمهوريت جي بحالي جي لاءِ سندس مشن کي جاري رکون.

تو جنين جي تاتِ، تن پڻ آهي تنهنجي؛
'فَاذڪُرونِي اَذڪُر ڪُم'، اِيَ پَروڙِج بات؛
هَٿِ ڪاتي ڳُڙ واتِ، پُڇَڻُ پَرِ پرين جي.

٢٧ ڊسمبر جو سُور ۽ پيپلز پارٽي جي قيادت

اعجاز ممنائي

ستاويهين ڊسمبر جڏهن به ايندي آهي ته دل ته چاهيندي به چند لفظ لکي پنهنجو فرض پورو ڪريان. چوته ان ڏينهن ملڪ ۽ قوم مٿان هڪ قيامت گذري هئي ۽ سنڌ جي نياڻي محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت جي خبر جهنگ جي باهه وانگر پوري دنيا ۾ پکڙجي ويئي هوءَ به سندس خاندان تي وقت بوقت موت نه رڳو لامارا ڏيندو رهيو آهي پر جهولين ڀڃ اجاڙيندو رهيو آهي ڪڏهن سندس والد کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائي ڦاهي گهاٽ ۾ شهادت جو جام پياريو ويو ته ڪڏهن سندس هڪ ڀاءُ (شاهنواز) کي زهر جو جام پياريو ويو ته وري ٻئي ڀاءُ (مير مرتضيٰ) کي سرعام گولين جو ڪاڄ بڻايو ويو اڃا ان درد جو دل مان زخم ڇٽو ئي نه هو ته وري سندس شهادت جو سور سيني کي جُور جُور ڪري ويو ۽ ائين محسوس ٿيو ته نه رڳو پنهنجي ملڪ پاڪستان پر پوري دنيا مان حقيقي سياست جو خاتمو اچي ويو سندن موهي ڀاءُ مير مرتضيٰ جي شهادت وقت برطانيه جي هڪ وڏي اخبار ۾ بينظير صاحبه جي باري ۾ هڪ مضمون ڇپيو هو جنهن جو عنوان هو "آڪسفورڊ جي پڙهيل تاريخ ۾ فيل ٿي وئي"! اهو مضمون منهنجي لاءِ هڪ انڪشاف کان گهٽ نه هو چوته وڏي سرڪار ابتداءَ کان وٺي محترمه بينظير ڀٽو جي سياست کان خوش نه هئي ۽ اها چاهي پئي ته عوامي ليڊر جو خاتمو آڻجي. سياست ۾ پير پائڻ سان سندس اڳيان رڪاوٽون ڪڙيون ڪيون ويون ڪڏهن مولوين کان فتويٰ ڏياري وئي ته عورت جي حڪمراني جائز نه آهي ڪڏهن چيو ويو ته اها امريڪا جي ايجنٽ آهي مطلب ته هٿرادو الزام مڙهي ڪيس اقتدار کان پاسيرو رکڻ جا هربا هلايا ويا پر "جنهن کي رب رکي تنهن کي ڪير چکي"

محترمه بينظير ڀٽو پنهنجي ٻهرئين حڪومتي دور ۾ اسٽيبلشمينٽ جي اڏوگن روين جو اندازو ڪري چڪي هئي ۽ سندن مقابلو ڪرڻ لاءِ سندرا ٻڌي اڃان تياري پئي ڪئي ته سندس حڪومت جو خاتمو آندو ويو هن جي ملڪ ۽ قوم سان سچائي سبب دنيا کي هلائيندڙ ڪانئن ناراض ٿي ويا چوته هتي ڪوڙ، ٺڳي ۽ منافقت جو ٻج ڇٽيو ويو هو ان ماحول ۾ مخلص هميشه مار کائيندو رهيو آهي محترمه بينظير ڀٽو پنهنجي پيءُ وانگر عوام جي دلين تي راڄ پئي ڪيو جيڪا ڳالهه ساڙ ڪندڙن کي نه ٿي وڻي ان کان سواءِ ملڪ دشمن کي پاڪستان جي دولت ڏيڻ جي مخالفت ڪرڻ جي جرئت ڪئي، ان سان گڏ پاڪستان جي اندر هر ٻولي ڳالهائيندڙ کي عزت پئي بخشي ته جيئن ملڪ جي اندر هر ماڻهو پاڻ کي ملڪ جو شهري سمجهڻ شروع ڪري. مطلب ته هن "وڙهايو ۽ حڪومت ڪيو" واري عالمي پاليسي سان بغاوت جو اعلان ڪيو ۽ ملڪ جي بقا ۽ سلامتيءَ لاءِ ڪ وڌائي. جنهن جي نتيجي ۾ سندس پيرڇڪن جي سازشون تيار ٿينديون رهيون بلاخر سندس حڪومت جي ٻئي دور جو به وقت کان اڳ خاتمو ٿي ويو چوته ٻيون ڀيرو وزير اعظم ٿيڻ جو اعزاز سندس والد ذوالفقار علي ڀٽو کان پوءِ ڪيس حاصل هو ٻيون ڀيرو وزيراعظم ٿيڻ بعد اعتماد جو ووٽ وٺڻ بعد قومي اسيمبليءَ کي خطاب ڪندي چيو هئائين ته هن ڀيري اهڙو قانون ٺاهينداسين جنهن سان آئنده ڪنهن کي به هارس ٽريڊنگ ڪرڻ جي جرئت نه ٿيندي،هن ڀيري اسان مرڪز ۽ صوبن ۾ سهڪار جي فضا قائم ڪنداسين چوته هن وقت ملڪ شديد مشڪلاتن مان گذري رهيو آهي ماضيءَ جي سياست ماڻهن جي دلين ۾ گهڻائي شڪ شبها پيدا ڪيا آهن عوام تبديلي جي انتظار ۾ آهي. هاڻي قوم صرف چهرن جي تبديلي نه ٿي چاهي بلڪ نظام جي تبديلي ضروري آهي. انشاءَ الله تبديلي ضرور ايندي ۽ اها تبديلي عوامي اتحاد سان ممڪن آهي. پاڪستاني قوم جو مستقبل روشن آهي چوته اسان ان کي روشن بڻائڻ جو عزم ڪيو ويٺا آهيون اسين هاڻي ان تي محنت شروع ڪنداسين ته جيئن وطن واسين جا خواب پورا ٿي سگهن انهن خوابن جي تعبير سان اسان جي تقدير بدلجي سگهي ٿي، مون کي يقين آهي ته اسان جي تقدير ضرور بدلجندي. هن وقت پاڪستان بين الاقوامي سطح تي اڪيلو بيٺل آهي. دنيا ۾ وڏيون وڏيون تبديليون اچي رهيون آهن. پر ان تبدلن کان فائدو وٺڻ بجاءِ اسان انهن جي زد ۾ اچي چڪا آهيون اسان کي دهشتگرد قرار ڏيڻ جون ڌمڪيون ملي رهيون آهن اسان جو نالو منشيات جي واپارين جي فهرست ۾ مشهور ڪيو ويو آهي اسان جو پرامن ايٽمي پروگرام به تڪراري بڻايو ويو آهي. حڪومت جي پهرين ترجيح هيءَ آهي ته پاڪستان کي ان انٽرنشنل آئسولشن مان ڪڍيو وڃي ته جيئن ان سڪڙجندڙ دنيا ۾ اسان سيني کان الڳ رهڻ بجاءِ پنهنجي عوام تائين بين الاقوامي تعلقاتن جو ثمر پهچايون اهڙي سڄي ۽ کري سياستدان جو قدر نه ڪيوسين ۽ ڪيس دهشتگرديءَ جي گهيري ۾ ڇڏي ڏنوسين. جنهن تي ٻکين ٻگهڙن حملو ڪري ڏنو ۽ حملي بعد ڪريه قاتل نظر نه آيو ملڪ ويران ٿي ويو حق سچ جي سياست جو خاتمو ٿي ويو ڪوڙ، ٺڳي، مڪار ۽ فريب جي سياست جو بنياد رکيو ويو 27 ڊسمبر تي محترمه بينظير جي عظيم شهادت بعد اتي لٽي ۽ اجهي وارا خواب چکنا چور بڻجي ويا ان ڪانپوءِ پ پ پ کي مرڪز ۽ صوبي ۾ اقتدار به مليو پر اهي پنهنجي پنهنجي مفاد لاءِ ڪم ڪرڻ لڳا محترمه ته ميثاق جمهوريت جا معاهدا ڪري جمهوريت جا پختا بنياد رکيا پر سندس وڃڻ سان جمهوريت جو روح زخمي ڪيو ويو عوام جي دردن جو ڪو درمان نه ٿيو سگهيا نعرا هئي عوام کي بک ۽ بدحالي ڏني وئي ائين ڀيو لڳي ڄڻ محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت کان پوءِ پيپلز پارٽي ٿي شهيد ٿي وئي چوته سندن مرڪزي قيادت توڙي وزير مسلسل صوبائي ۽ قومي اسيمبليءَ ۾ رهندي عوام کان دوري اختيار ڪري ويهي رهياسنڌ جو عوام بي بي بي کي ڀٽو خاندان سان عقيدت جي بنياد تي هميشه ووٽ ڏيندو رهيو آهي پر موٽ ۾ ڪي ذلت ۽ رسوائيءَ کي منهن ڏيڻو پيو آهي سنڌ جا اسڪول مال جا واڙا ۽ ٻهه جا پاندا لڳا پيا آهن. اسپتالون ڪوس گهر جو ڏيک پيون ڏين اتي دوائن ۽ سهولتن سميت عملي جي ڪرت جون داڻهون پيون اچن ڪرپشن ۽ رشوت خوريءَ جي بازار گرم نظر پئي اچي. صوبي جا روڊ رستا ڪندرات جو ڏيک پيا ڏين مهانگائي آسمان سان ڳالهيون پئي ڪري احتجاجن جو ڪريه تدارڪ ڪرڻ لاءِ تيار ناهي اڄ محترمه بينظير ڀٽو جي 16هين ورسيءَ تي بي بي جي قيادت جلسو به ڪندي ۽ چونڊن واري ٻهرئين مرحلي مان گذرندي هر ٽڪ تي جيڪي پنهنجا اميدوار به ٻيهاريا آهن تن کي ٽڪيٽون به ملنديون پر سوال اهو آهي ته صوبائي ۽ قومي سيٽن تي بيٺل اميدوار پنهنجي پارٽيءَ جي گذريل پنجن سالن جي ڪارڪردگي جا بيان ڪندا. جڏهن اهي اقتدار ۾ هوندي هڪ ڏينهن به پنهنجي ٽڪ جي عوام کان ڪو درد پڇڻ به گوارا نه ڪيو ويتر ٽڪ جي عوام مان تڪليفن جا انبار ڪرايا جا اليڪشن هڪ رونشو آهي يا ڪا زميواري به آهي؟ جيڪڏهن چونڊون رونشو آهن ته مهرباني ڪري هاڻي مظلوم عوام کي ڳانن تي رڪس نه ڪرايو چوته هو توهان جو زر خريد غلام ڪونهي.هو پاڻ ڪمائي ۽ پاڻ کائي ٿو ان پٽي خاندان جو قرض چڪائي ڇڏيو آهي. محترمه بينظير ڀٽو ته اهو چيو هو ته هاري مزدور ۽ محنت ڪندڙ شاگرد منهنجا پاڙ آهن ۽ منهنجا جانباز سپاهي آهن انهن جي هوندي دنيا جي ڪابه طاقت ملڪ ۾ جمهوريت جو رستو نه ٿي روڪي سگهي پر محترمه جي وڇوڙي کان پوءِ سندس پاڙن سان سندس پارٽيءَ وارو جيڪو سلوڪ ڪيو آهي سو سڄو دنيا جي سامهون آهي محترمه ته اهو چيو هو ته مزدور جو ڏک منهنجو ڏک آهي. غريبن جي عزت منهنجي عزت آهي مان ان وقت تائين آرام سان نه سمهندس ۽ پيٽ ڀري ماني نه کائيندس جيستائين ملڪ مان غربت ۽ افلاس جو خاتمو نه ٿو اچي ان ساڳي پارٽيءَ جي هاڻوڪي قيادت غريبن سان ڪهڙو سلوڪ ڪري رهي آهي مرڪزي قيادت انهن وزيرن ۽ ميمبرن جو احتساب ڪرڻ بجاءِ ڪين ڪرپشن ڪرڻ جي کلي اجازت ڏئي ڇڏي آهي پوءِ اهڙي جماعت عوامي ۽ جمهوري نه ٿي سگهي انڪري بي بي قيادت بالخصوص آصف علي زرداري ۽ بلاول ڀٽو زرداريءَ کي پنهنجي پارٽيءَ بابت پاليسي تبديل ڪرڻي پوندي.

بقايا *** 01

تي ڳڙهي خدابخش ڀٽو ۾ ڀرپور سياسي طاقت جو مظاهرو ڪرڻ لاءِ جلسو ڪوٺايو ويو آهي جنهن ۾ عام چونڊن جي مهم جي شروعات پڻ ڪئي ويندي. پيپلز پارٽي طرفان ورسي جي لاءِ سمورا انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن ڳڙهي خدابخش ڀٽو ۾ جلسي گاهه اندر 60 فوٽ ويڪري اسٽيج کي پارٽي جهنڊن، شهيد محترمه بينظير ڀٽو ۽ ٻين پارٽي اڳواڻن جي تصويرن سان سينگاريو ويو آهي. ورسي جي شروعات صبح جي وقت قرآن خواني سان ڪئي ويندي. جلسو شروع ٿيڻ اڳ منجهند ڌاري پيپلز ڪلچرل ونگ طرفان شهيد محترمه بينظير ڀٽو کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ مشاعرو ڪوٺايو ويندو جنهن ۾ ملڪ جا ناليوارا شاعر پنهنجي شاعري جي ذريعي شهيد محترمه بينظير ڀٽو کي ڀيٽا پيش ڪندا. ٻئي پاسي سخت سيءَ جي باوجود ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ مان ڪارڪن قافلن جي صورت ۾ ڳڙهي خدابخش ڀٽو پهچي رهيا آهن.

بقايا *** 02

فيصلو ٿيڻ تائين اليڪشن ڪميشن جو فيصلو معطل هوندو. عدالت چيو ته موڪلون ختم ٿيڻ ڪانپوءِ پهرين ڊبل بينچ ۾ ڪيس ٻڌو ويندو. تحريڪ انصاف طرفان پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ داخل درخواست ۾ اليڪشن ڪميشن ۽ انٽرا پارٽي چونڊون چيلينج ڪندڙ درخواستگذارن کي به ڌر بڻايو ويو. جڏهن ته اليڪشن ڪميشن جي فيصلي کي ڪالعدم قرار ڏيڻ جي اپيل ڪئي وئي. تحريڪ انصاف جي درخواست تي جسٽس ڪامران حيات ميان خيل ٻڌڻي ڪئي، پي ٽي آءِ جي وڪيل علي ظفر، بابر اعوان ۽ ٻيا پارٽي چيئرمين بئريسٽر گوهر دليل ڏنا. واضح رهي ته اليڪشن ڪميشن انٽرا پارٽي چونڊون پارٽي آئين موجب نه ڪرائڻ تي تحريڪ انصاف کان بيٽ جو نشان واپس ورتو هو.

بقايا *** 03

. پ پ اڳواڻ شيري رحمان، رياض ڪوکر جي لاڏاڻي تي سندس گهر ڀاتين سان تعزيت جو اظهار ڪيو آهي.

بقايا *** 04

.سي پي پي اي طرفان قيمت ۾ واڌ جي لاءِ ڏنل درخواست ۾ چيو ويو آهي ته نومبر مهيني جي دوران پاڻي سان بجلي جي پيداوار 36.5 سيڪڙو رهي. نيوڪليئر سان بجلي جي ڪيل پيداوار 20 سيڪڙو کان وڌيڪ رهي. هڪ مهيني جي دوران مقامي ڪوئلي مان بجلي جي پيداوار 13 سيڪڙو رهي. نومبر ۾ درآمد ڪيل ڪوئلي مان بجلي جي پيداوار 6 سيڪڙو کان وڌيڪ رهي. هڪ مهيني جي دوران ايل اين جي ذريعي بجلي جي پيداوار 10.6 سيڪڙو رهي جڏهن ته مقامي گيس سان بجلي جي پيداوار جو حصو 9.2 سيڪڙو رهيو.

بقايا *** 05

محروم نٿو ڪري سگهجي، چونڊ نشان پارٽي جي ملڪيت هوندو آهي. ننڍي ڪنڊ ۾ هر ووٽ تي نشان هوندا آهن. هن چيو ته ووٽر جي سهولت لاءِ نشان هوندا آهن. اهو اليڪشن ڪميشن جو اختيار به نه هو پشاور هاءِ ڪورٽ جو فيصلو درست آهي.

بقايا *** 06

ڪراچي جي مسئلن تي اهم اجلاس ٿيو جنهن ۾ مڪاني ڪاتي واري وزير مبين جمالي ۽ ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب سميت ٻين شرڪت ڪئي. نگران وڏي وزير چيو ته ڪي ڊي اي جي خوبصورت عمارت خراب ٿي رهي آهي، عمارت جا واش روم تباهه آهن. ڪي ڊي اي عمارتون نٿي سنڀالي سگهي ته ٻيو ڪهڙو ترقياتي ڪم ڪندي، 10 ڏينهن ۾ عمارت ٺيڪ ڪري رپورٽ پيش ڪئي وڃي. هن ميئر کي هدايت ڪئي ته روڊ ٺهندو آهي، وري لائن وجهڻ لاءِ کوٽائي شروع ٿي ويندي آهي، نئون روڊ ٺهڻ ڪانپوءِ کوٽائي جي اجازت ڪير ڏيندو آهي؟ انهن مسئلن جو حل ڪڍيو وڃي.

بقايا *** 07

شريف جي صدارت هيٺ پارٽي اجلاس ۾ حمزا شهباز اوپر ڪدي ڇڏين هن چيو ته خاموشي جي هڪ زبان هوندي آهي پر ان کي ڪير ٻڌڻ ۽ سمجهڻ وارو ناهي هوندو هن چيو ته جن ماڻهن ڏکئي وقت ۾ پارٽي جو ساٿ ڏنو تشدد برداشت ڪيو انهن کي ٻڌڻ لاءِ ڪير تيار ناهي. ذريعن موجب حمزا شهباز چيو ته ماڻهن کي سامهون آڻي بيهاريو ويو آهي ته پراڻي وفادار ورڪر جو هاڻ ڇا ٿيندو؟ پراڻو ورڪر اڄ به پريشان آهي. انهن کان ڪير پڇڻ وارو ناهي، پارٽي ٽڪيٽ انهن جو حق آهي، جن ڏکيائيون برداشت ڪيون. هوڏانهن ن ليگ جي اطلاعات سيڪريٽري مريم اورنگزيب چيو آهي ته حمزا شهباز بابت خبرون سراسر ڪوڙ آهن. ن ليگ قائد جي صدارت هيٺ پارٽي اجلاس ٿيو پر بحث جون خبرون بي بنياد آهن.

بقايا *** 08

جي رپورٽ موجب ڀارت پنهنجي اولهه واري سامونڊي پٽي جي ويجهو واپاري سامونڊي جهاز ايم وي ڪيم پلوٽو تي مبينا ڊرون حملي کان پوءِ 3 جنگي سامونڊي جهاز عربي سمنڊ ۾ مقرر ڪري ڇڏيا آهن. رپورٽ موجب ايم وي ڪيم پلوٽو جي عملي جي 21 ڪارڪنن جو واسطو ڀارت ۽ هڪ جو ويٽنام سان آهي، ڀارتي سامونڊي فوج جي ڌماڪيدار مادي کي ڊسپوزل ٽيم جهاز جي شروعاتي معائنن کان پوءِ ان تي ڊرون حملي جو اشارو ڏنو واضح رهي ته آمريڪا جي بچاءَ واري کاتي پينٽاگون جي هڪ ترجمان ان حملي جو الزام ايران تي لڳايو پر ايران پاران ان الزام جي سختي سان ترديد ڪئي وئي آهي.

بقايا *** 09

نامزدگي ڪاغذن جي مد ۾ 24 ڪروڙ 96 لک 60 هزار روپيه جمع ٿيا. قومي اسيمبلي جي لاءِ 30 هزار جڏهن ته صوبائي اسيمبلي جي نامزدگي ڪاغذن جي لاءِ 20 هزار روپيه فيس مقرر ٿيل آهي. اميدوارن طرفان نامزدگي ڪاغذن جي مد ۾ ادا ڪيل فيس واپس ڪرڻ جوڳي نه آهي. ذريعن موجب اليڪشن ڪميشن کي نامزدگي ڪاغذن مان حاصل ٿيندڙ رقم قومي نائي ۾ جمع ڪئي ويندي آهي.

بقايا *** 10

ته ليول پليئنگ فيلڊ جي هاڻ ڳالهه ناهي رهي، پ پ کي ڪنهن چونڊن ۾ فيور ناهي ملي، پ پ جو فيور وٺڻ جو تصور غلط آهي. اسان نه اڳ لاڏلا بڻيا آهيون ۽ نه بڻجنداسين. عوام جا لاڏلا آهيون ۽ رهنداسين. هن چيو ته پي ٽي آءِ کي چونڊن ۾ حصو وٺڻ ڏنو وڃي، پي ٽي آءِ وارا جيڪڏهن عوامي پروسيس کان ها ته هنن حالتن کي منهن نه ڏين ها. سندس چوڻ هو ته ن ليگ ڇو پي ٽي آءِ کي الڳ رکڻ چاهي ٿي، ان جو جواب هو ڏيندا؟ حالتون اها گهر ڪن ٿيون ته چونڊن ڪانپوءِ ٺهندڙ حڪومت ۽ اپوزيشن تعميري ڳالهه ٻولهه ڪن.

بقايا *** 11

ٿي، جنهن ۾ عدالت اختيارين کي فردوس شميم خلاف عدالتي حڪمن بنا ڪارروائي کان روڪي ڇڏيو. عدالت فردوس شميم جي گهر کي سب جيل قرار ڏيڻ جو صوبائي گهرو کاتي جو نوٽيفڪيشن به معطل ڪري ڇڏيو ۽ ڪيس تحفظ فراهم ڪرڻ جو حڪم ڏنو. عدالت سنڌ ۽ وفاقي حڪومت کي 4 جنوري لاءِ نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا.

بقايا *** 12

سيائي اڳوڻي وزيراعظم شهيد بينظير ڀٽو جي شهادت ڏهاڙي جي موقعي تي سڄي صوبي ۾ عام موڪل جي منظوري ڏني آهي. ترجمان ٻڌايو ته 27 ڊسمبر تي سمورا سرڪاري ۽ نجي ادارا، لوڪل ڪائونسلز ۽ صوبائي حڪومت جون انتظامي آفيسون بند رهنديون.

بقايا *** 13

ٿي، پيٽرول هڪ روپيو 72 پئسا في ليٽر سستو ٿيڻ جو امڪان آهي پر هاءِ اسپيڊ ڊيزل جي قيمت ۾ هڪ روپيو في ليٽر تائين واڌ جو امڪان آهي. ناڻي واري وزارت اوگرا جي تجويز ڪيل سمري تي نگران وزيراعظم جي مشاورت سان فيصلو ڪندي.

بقايا *** 14

تي تشدد ڪيو پيو وڃي. هن چيو ته پرڏيهي فنڊنگ ڪيس وقت تي شروع ٿئي ها ته حقيقتون سامهون اچي وڃن ها، اسان 9 ۽ 10 مئي تي ائين ڪئي رهيا آهيون ڄڻ ڪجهه ٿيو ئي ناهي، جاويد لطيف چوڻ آهي ته هتي عالم اهو آهي ته ڪيس وڏي پارٽي جو سربراهه ۽ معصوم چيو پيو وڃي، ڇا ذوالفقار علي ڀٽو ڪنهن وڏي پارٽي جو سربراهه نه هو جيڪو ڪيترن کي مظلوم وزيراعظمن کي طاقت ذريعي هٽايو ويو ڪيس آئيني طريقي سان هٽايو ويو پر پوءِ به هو بيگناهه آهن. نامزدگي ڪاغذ واپس وٺڻ جي تاريخ لاءِ ڪو ادارو آهي. ن ليگ اڳواڻ چوڻ آهي ته جيڪڏهن ڪنهن اميدوار کان نامزدگي ڪاغذ کسيا ويا آهن ته ادارن کي جاچ ڪرڻ گهرجي، جيڪڏهن احتساب ڪرڻو آهي ته سڀني سان هڪ جهڙو سلوڪ ٿيڻ گهرجي هن جو اهو به چوڻ آهي ته جنهن پارٽي کي ناقابل تسخير بڻايو ان کي يرغمال بڻايو ويو. ن ليگ هميشه پنهنجي پليٽ فارم تي به پاڳي تي اڪثريت حاصل ڪئي آهي.

بقايا *** 15

ڪير به خريد ڪري سگهي ٿو ڪجهه پليٽ فارم به معاوضي بدلي اهي خدمتون ڏيندا آهن. جواب ۾ چيو ويو ته اي آءِ سان آواز جي ڪنٽينٽ کي تبديل ڪري سگهجي ٿو رڪارڊنگ سروس جي جاچ رڳو سوشل ميڊيا ئي ڏئي سگهي ٿي، جاچ حاصل ڪرڻ لاءِ ايف آءِ اي سائبر ڪرائم ونگ مجاز اٿارٽي آهي. بچاءَ واري وزارت پنهنجي جواب ۾ وڌيڪ چيو ته ڪالز ڪندڙ پاڻ ۾ رڪارڊ ڪري پوءِ ليڪ ڪري سگهن ٿا ۽ انهن جي فون به هيڪ ٿي سگهي ٿي. بچاءَ واري وزارت اسلام آباد هاءِ ڪورٽ کان رڪارڊنگ سروس جي جاچ لاءِ ايف آءِ اي سائبر ڪرائم ونگ کي هدايت جاري ڪرڻ جي اپيل ڪري ڇڏي.

بقايا *** 16

اداري موجب علائقي ۾ پارڪنگ جي تڪرار تان 6 ماڻهن وچ ۾ جهيڙي دوران هڪ شخص کي سخت زخمي حالت ۾ اسپتال نيو ويو پر هو پر هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو هو پنج سال پراڻي ان واقعي جو ڪيس عدالت ۾ هليو ۽ قاتل کي موت جي سزا ٻڌائي وئي. عدالتي فيصلي خلاف جوابدار جي اپيل به رد ڪئي وئي هئي. اپيل رد ٿيڻ بعد قاتل جي وارثن مقتول جي وارثن سان رابطو ڪيو جنهن دوران اصلاحي ڪميٽي به معاملو حل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي پر مقتول جو پيءُ ناهه لاءِ راضي نه ٿيو قاتل جا وارث مايوس ٿي ويا ۽ آخرڪار موت جي سزا جو ڏينهن اچي ويو. قصاص واري ڏينهن فيلڊ ڪورٽ جي اهلڪار ڏوهه جي نوعيت ۽ عدالتي فيصلي جو اعلان ڪيس ۾ آخري وقت تي مقتول جي پيءُ قاتل کي تلوار واپس رکڻ جو اشارو ڪري ڇڏيو. مقتول جي پيءُ چيو ته الله جي واسطي مان پنهنجي پٽ جي قاتل کي معاف ڪريان ٿو. معافي تي قاتل جي ماءُ جو جذباتي رد عمل ڏسڻ ۾ آيو جنهن ڳوڙها ڳاڙيندي چيو ته هن همت نه هاري هئي.

بقايا *** 17

خابرو اداري جي رپورٽ موجب اسرائيلي سفارتخاني جي ترجمان گائي نير تصديق ڪئي ته 5 لڳڀڳ 20 منٽن تي سفارتخاني جي ويجهو ڌماڪو ٿيو. اسرائيلي پرڏيهي وزارت جو چوڻ هو ته ڌماڪي سبب عملي مان ڪنهن کي به نقصان ناهي پهتو. اسرائيلي اختياري ڌماڪي جي جاچ لاءِ پارٽي هر منصبن سان سهڪار ڪري رهيا آهيون.

بقايا *** 18

اڻڄاتل موٽر سائيڪل سوار فائرنگ ڪري ڪدڙو فقير کي قتل ڪري ڇڏيو پوليس موجب ڪدڙو فقير ٻنڊ پنهنجي منزل ڏينهن وڃي رهيو ته موٽر سائيڪل سوارن هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا، جنهن جي نتيجي ۾ هو ڏڏي تي مارجي ويو اطلاع ملڻ تي پوليس پهچي لاش اسپتال منتقل ڪيس پوليس موجب واقعي جي حوالي سان وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي.

بقايا *** 19

آهي. عدالت ۾ چئلينج ڪنداسين. اسان کي عدالتن مان انصاف جي اميد آهي.

بقايا *** 20

۾ نامزد آهي ۽ ٻچا ڳچا ضروري آهي. تنهن ڪري نظربندي جا حڪم جاري ڪيا وڃن ٿا. واضح رهي ته سائفر ڪيس ۾ عمران خان جي شريڪ جوابدار شاهه محمود قريشي جي سپريم ڪورٽ ضمانت منظور ڪئي هئي، اڄ سندس وڪيلن ضمانتي مچلڪا جمع ڪرايا. جنهن ڪانپوءِ شاهه محمود قريشي جي جيل مان آزادي جو امڪان هو

بقايا *** 21

۽ ملتان ۾ 400 رپيا في درجن ملي رهيا آهن. ڪُڪب ڪاتي جي رپورٽ موجب ڪوئيٽا، بنون ۾ به في درجن بيضا 400 رپيا ۾ ملي رهيا آهن. جڏهن ته خضدار، سکر ۾ في درجن بيضن جو اگهه 390 رپيا آهي. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ڪراچي، حيدرآباد، بهاولپور ۾ في درجن بيضن جو اگهه 380 رپيا آهي.

بقايا *** 22

سان رڳو پنجاب،بلوچستان ۽ ڪواڊا جو ذڪر ڪيو ويو آهي، مان هن پليٽ فارم تان دعوت ڏيان ٿو جيڪڏهن توهان مان ڪو سوال پڇڻ چاهي ته ان جي اجازت آهي، اسان هن وقت جتي آهيون، هندستاني سرحد جي ويجهو آهيون ۽ انهن وٽ معدني ذخيرا به آهن ۽ اهي استعمال ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن اهي ماڻهو پنهنجي معدني ذخيرن کي استعمال ڪري ماڻهن ۾ خوشحالي حاصل ڪري سگهن ٿا ته پوءِ اسان ڇو نه؟ رڳو سيو ڪارونجهر جو آواز ته اٿاريو معدنيات ڇا آهي، اسان وٽ گهرن ۾ معدنيات پيدا ٿئي ٿي، ٽائن کان وٺي بندوق جي گولي ۽ ائٽم بم تائين، اسان معدنيات جي سپلمينٽس نٿا ناهي سگهون، هر ڪنهن جي هٿ ۾ موبائيل فون آهن، اهي به معدنيات آهن، پاڪستان معدنيات سان ڀرپور آهي، پر ڪجهه اندروني ۽ بيروني قوتون سوشل ميڊيا تي رياست تي الزام مڙهي رهيون آهن ۽ انهن معدني ذخيرن کي استعمال ڪرڻ نه ڏيندي، جيڪڏهن توهان مري رهيا آهيو ته پوءِ اهڙن معدني ذخيرن جو ڪهڙو فائدو؟ جنهن ڏينهن قيامت جو ڏينهن هوندو ۽ اهي سڀ شيون ختم ٿي وينديون، چاهي اها ريت هجي يا ريل، الله تعاليٰ اسان کي معدنيات جهڙي نعمت عطا ڪئي آهي ۽ جيڪڏهن اسان انهن کي استعمال نه ڪريون ته اسان کان وڌيڪ ڪير بي شڪر ٿيندو

بقايا *** 23

دوران ايڊيشنل ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ چيو ته گيس پيپر ليڪ ٿيو هو اوريجنل پيپر ليڪ نه ٿيو ان تي درخواستگذار جي وڪيل چيو ته 12_12 لک رپين جو پيپر وڪرو ٿيو آهي ۽ اهو اڳوڻي پيپر هو جيڪو ليڪ ٿيو آهي. چيف جسٽس ريمارڪس ڏنا ته 41 هزار ماڻهن ٽيسٽ ڏني هئي، انهن مان 100 ماڻهن فائدو کنيو هوندو. هن درخواستگذارن جي وڪيل سان مڪالمو ڪيو ته توهان چاهيو ٿا ٻارن جي داخلا نه ٿئي، اهي نه پڙهن؟ جواب ۾ وڪيل چيو ته اسان چاهيون ٿا ميرٽ تي داخلائون ٿين. چيف جسٽس ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته ٻارن کي بي وقوف بڻائڻ جون ڳالهيون نه ڪيون. ماڻهن جو اعتماد خراب ٿي رهيو آهي ته پيپر ليڪ ٿي ويو پيپر ڪٿي ليڪ ٿيو اهو ٻڌايو وڪيل چيو ته اسان وٽ پيپر نه واٽس ايپ چيٽ آهي، 170 سوالن جا جواب آهن. پاڪستان ميڊيڪل ڊينٽل اينڊ ڪاليج جي وڪيل پنهنجي موقف ۾ چيو ته پيپر ليڪ ناهي ٿيو سنڌ هاءِ ڪورٽ سمورين درخواستون رد ڪندي چيو ته ان جا سبب پوءِ جاري ڪيا ويندا.

بقايا *** 24

آهي. اڳاري تي احد چيما کي عهدي تان هٽائڻ جي معاملي تي چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا جي پنج رڪني بينچ ٻڌڻي ڪئي. سيڪريٽري اسٽيبلشمينٽ ڊويزن انعام الله اليڪشن ڪميشن ۾ پيش ٿيو سيڪريٽري انعام الله چيو ته احد چيما کي عهدي تان هٽائڻ جو نوٽيفڪيشن رات جو جاري ٿي ويو آهي. چيف اليڪشن ڪميشن سوال ڪيو ته يعنيٰ احد چيما کي عهدي تان هٽائڻ تي عملدرآمد ٿي ويو آهي؟ انعام الله چيو ته گهرو وزارت ۽ آءِ بي جي دهشتگردن جي واقعن تي رپورٽ جاري ڪئي آهي. اسلام آباد ۾ امن امان بابت به رپورٽ آهي. اليڪشن ڪميشن انهن ٻنهي آفيسرن بابت فيصلي تي نظر ثاني ڪري، گهرو وزارت جي درخواست آهي ته اليڪشن ڪميشن فيصلي تي نظر ثاني ڪري، گهرو وزارت چيو آهي ته آءِ جي اسلام آباد ۽ ڊي سي اسلام آباد کي برقرار رکيو وڃي. وزيراعظم آءِ جي ۽ ڊي سي اسلام آباد جي ري پليس مينٽ لاءِ چيو آهي. چيف اليڪشن ڪمشنر چيو ته گهرو وزارت جي رپورٽ کي اسان ڏسي وٺنداسين. اوهان اڄ اربع تائين ٻنهي عهدن لاءِ پينل ڏسو

بقايا *** 25

ته پاڪستان نواز شريف جي قيادت ۾ ملڪ مضبوط ۽ مستحڪم ٿيندو هن چيو ته سنڌ جو عوام سنڌ ڌرتي ماءُ کي لٽيندڙن کان تنگ اچي چڪو آهي،8 فيبروري تي عوام کي ڪوڙا خواب ڏيکاريندڙن جو عوام پاڻ احتساب ڪندو. هن چيو ته نواز ليگ حڪومت اچڻ ڪانپوءِ مٽياري ضلعي ۾ انڊسٽريل زون، صوفي يونيورسٽي ۽ پبلڪ اسڪول توڙي ميڊيڪل ڪاليج جو قيام ڪري شهباز اسپيڊ تي تعميراتي ڪم ڪرائينداسين. ان موقعي تي پي ايس 56 اميدوار نصير ميمڻ، نواز ليگ اڳواڻ سيد شاهه زمان شاهه، منصور نواز پيون، گل حسن راجپوت، رانا عبدالستار راجپوت ۽ ٻين خطاب ڪيو.

بقايا *** 26

لاءِ چئني چيف سيڪريٽرين کي حڪم موڪلي ڇڏيا. اليڪشن ڪميشن طرفان جاري ڪيل خط ۾ چيو ويو آهي ته ڊسٽرڪٽ رٽرننگ آفيسرن طرفان قرار ڏنل انتهائي حساس پولنگ اسٽيشنز تي گهربل ڪئميرائون لڳايون وڃن. خط ۾ وڌيڪ چيو ويو ته انتهائي حساس پولنگ اسٽيشنز جي سڀني بوٿن تي ڪئميرائون لڳايون وڃن. سي سي ٽي وي ڪئميرائن سان چونڊ عمل، ڳڻپ ۽ نتيجن جي تياري جي مانيٽرنگ ٿيندي.

بقايا *** 27

جي چونڊن ۾ حصو نه وٺڻ جي تصديق ڪري ڇڏي آهي. ان حوالي سان اي اين پي جو چوڻ آهي ته اسفنديار ولي بيماري سبب چونڊن ۾ حصو نه وٺي رهيو آهي. سندس جڳهه تي ان جو پٽ ايمل ولي خان چونڊن ۾ حصو وٺندو.

بقايا *** 28

سسٽم ۽ بيئرپٽي ڪئي وئي، بلوچ يڪجهتي ڪاميٽي دعوا ڪئي ته هڪ سئو کان وڌيڪ مظاهرين پوليس جي تحويل ۾ آهن، ٻئي پاسي اسلام آباد پوليس چيو ته ڳالهين واري ڪاميٽي ۽ عدالتي حڪمن کان پوءِ 290 مظاهرين کي آزاد ڪري ڇڏيو آهي. واضح رهي ته اسلام آباد پوليس بلوچستان مان قافلي صورت ۾ آيل مظاهرين کي اسلام آباد ۾ داخل ٿيڻ کان روڪيندي ڪريڪ ڊائون ڪيو ويو هو ۽ ڪيترائي ماڻهو گرفتار ڪيا ويا هئا.

بقايا *** 29

۾ ڪاروبار شاندار رهيو ۽ 100 انڊيڪس نوان رڪارڊ قائم ڪيا پر اڄ ڪاروباري هفتي جي پهرئين ڏينهن ڪاروبار جي شروعات ناڪاري انداز ۾ ٿي. ڪاروبار جي شروعات ۾ 100 انڊيڪس 467 پوائنٽون گهٽجي 61237 تي رهيو ۽ ڪاروبار دوران پوائنٽن ۾ وڌيڪ گهٽتائي ٿي. ڪاروبار دوران 100 انڊيڪس وڌيڪ 1887 پوائنٽون گهٽجي 60 هزارن کان هيٺ اچي ويو

بقايا *** 30

امان جا مسئلا پيدا نه ٿيندا، ڇاڪاڻ ته پاڪ فوج ملڪ جو اهم ادارو آهي. سکر ۾ نامزدگي ڪاغذن جي چڪاس ڪانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي خورشيد شاهه چيو ته ملڪ ۾ جيڪو ماحول آهي اهو سڀ ڪجهه ٺيڪ ناهي. جماعت اسلامي اليڪشن ۾ پنهنجو ووٽ آڻيندي، ڪنهن به پارٽي کي سادي اڪثريت حاصل نه ٿيندي ۽ اتحادين مان حڪومت ناهي ويندي ۽ پيپلز پارٽي اڳ ٿي چوندي رهي آهي ته اسان کي گڏجي پاڪستان کي بچائڻو آهي. هاڻي اسان لاءِ ڪو مسئلو ناهي. اسان ان ئي ميدان تي کيڏنداسين جيڪو اسان کي مليو آهي، برابري واري رانڊ جو ميدان آهي، جڏهن چونڊون ٿيون ته امن امان سميت ٻيا مسئلا پاڻمرادو حل ٿي ويندا، هن چيو ته پيپلز پارٽي هن وقت ميدان ۾ آهي، مان قمر زمان ڪائره، نديم افضل چن، نذر محمد گوندل ۽ ٻين جي جلسن کي به ڏسي رهيو آهيان. راجا پرويز اشرف ته آهي پر ٻين پارٽين جو ڊرائنگ روم جي سياست هلي رهي آهي، جيڪڏهن هو بائيڪاٽ ڪن ته سندن ڊرائنگ روم جي سياست نظر نه ايندي. هن چيو ته اميد آهي ته چونڊون مقرر وقت تي ٿينديون.

بقايا *** 31

دڪان سڙي رک ٿي ويا، جڏهن ته بازار جي گهٽين ۾ موجود ڪجهه ڪيبن به سڙي رک ٿي ويون.فائر برگيڊ عملدارن موجب صدر موبائيل مارڪيٽ ۾ رات دير سان لڳل باهه تي 5 کان وڌيڪ فائرٽينڊرن جي مدد سان قابو ڪيو ويو آهي،ڪن هنڌن تي ٿنديون باهون آهن. انهن کي ٻاهر ڪڍي رهيا آهن.

بقايا *** 32

ڪميشن موجب جماعت اسلامي ۽ تحريڪ لبيڪ پاڪستان(ٽي ايل پي) جي اميدوارن جي مخصوص سيٽن تي اسڪروٽني سماعتي ٿيندي جڏهن ته استحڪام پاڪستان پارٽي جي اميدوارن جي اسڪروٽني 28 ڊسمبر تي شيڊول آهي. قومي اسيمبلي جي مخصوص سيٽ تي مسلم ليگ(ن) جي اڳواڻ مريم اورنگزيب، شائسته پرويز، عظميٰ بخاري، حنا پرويز بٽ ۽ ذڪيه شاهنواز جا نامزدگي ڪاغذ منظور ڪيا ويا. قومي اسيمبلي جي مخصوص سيٽ تي پيپلز پارٽي جي حنا رباني کهر ۽ ناز بلوچ جا به نامزدگي ڪاغذ منظور ٿي ويا. ايم ڪيوايم جي سبين غوري جا به مخصوص سيٽ لاءِ نامزدگي ڪاغذ صحيح قرار ڏنا ويا. لاهور جي اين اي 128 ۽ اين اي 123 تي جماعت اسلامي جي اميدوار لياقت بلوچ جا نامزدگي ڪاغذ منظور ڪيا ويا، لاهور مان قومي اسيمبلي جي ٽڪ اين اي 121 تان اڳوڻي قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق جا به نامزدگي ڪاغذ منظور ٿي ويا آهن. اڳوڻي صدر آصف علي زرداري جا اين اي 207 نوابشاهه تان نامزدگي ڪاغذ منظور ڪيا ويا آهن. هوڏانهن عوامي مسلم ليگ جي سربراهه شيخ رشيد ۽ ڀائٽي راشد شفيق جا راولپنڊي، پيپلز پارٽي جي نثار کهڙو روبينه قائمخاني سعيد غني، تنزيله قمبراڻي، جميل سومرو ٽي ايل پي جي ثروت فاطمه ايم ڪيوايم جي افشان جا نامزدگي ڪاغذ منظور ڪيا ويا آهن. ٻئي طرف اليڪشن ڪميشن سڄي ملڪ ۾ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائيندڙ اميدوارن جا انگ اکر جاري ڪري ڇڏيا آهن جنهن موجب ايندڙ عام چونڊن 2024 جي لاءِ قومي ۽ چئن صوبائي اسيمبلين جي 1085 سيٽن تي ٽوٽل 28 هزار 626 اميدوارن طرفان نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا ويا آهن. قومي اسيمبلي جي 266 سيٽن تي 7 هزار 713 اميدوارن جڏهن ته عورتن ۽ اقليتن جي 70 سيٽن تي 609 اميدوارن نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا. قومي اسيمبلي جي جنرل سيٽن تي 7 هزار 242 مرد ۽ 471 عورت اميدوار سامهون آيا آهن پنجاب اسيمبلي جي 297 جنرل سيٽن تي 8 هزار 592 مرد ۽ 437 عورتن نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا. سنڌ اسيمبلي جي 130 جنرل سيٽن تي 4 هزار 60 مرد ۽ 205 عورت اميدوار سامهون آيون آهن. خيبرپختونخواهه اسيمبلي جي 115 جنرل سيٽن تي 3 هزار 349 مرد ۽ 115 عورت اميدوارن نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا. بلوچستان اسيمبلي جي 51 جنرل سيٽن تي 1743 مرد ۽ 45 عورت اميدوارن طرفان نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا ويا آهن.

بقايا *** 33

۾ آهي. ميڊيا سيل بلاول هائوس پاران جاري ڪيل پريس رليز مطابق فريال ٽالپر پنهنجي بيان ۾ وڌيڪ چيو ته هڪ مسلم اڪثريتي ملڪ جي قيادت ڪندڙ پهرين عورت وزيراعظم جي حيثيت سان شهيد محترمه بينظير ڀٽو ڪوڙين روايتن کي ٽوڙيندي نئين سماجي اقدار جي بنياد رکي ۽ پاڪستان سميت سموري دنيا جي عورتن لاءِ هڪ لازوال ميراث ڇڏي، هن چيو ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي ويزن ۽ دانش تي ٻڌل اصلاحات جي ايجنڊا کي اڳيان وڌائي هڪ اهڙي پاڪستان جو تصور پيش ڪيو جنهن ۾ سمورن شهرين لاءِ ترقي، برابري ۽ سماجي انصاف کي گڏيل طور اختيار ڪيو وڃي. فريال ٽالپر چيو ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي لازوال ميراث انهي تائين محدود ٿيل ناهي بلڪه ان ۾ خاص طور تي پٺتي پيل طبقن جون اهي زندگيون به شامل آهن جن کي اڻٿڪ ڪوششن سبب غربت مان نجات ۽ خودمختياري ملي. هن وڌيڪ چيو ته پاڪستاني عورتن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جون ڪاوشون صرف هڪ سياسي موقف نه پر هڪ اهڙي ماحول کي پروان چاڙهڻ جو ويزن هو جتي عورتن جون صلاحيتون وڌي ويجهي سگهن ۽ معاشري ۾ بامعنيٰ ڪردار ادا ڪري سگهن. فريال ٽالپر پوري قوم خاص طور نوجوانن تي زور ڏيندي چيو ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو جو مشن هڪ اهڙي سياسي منظر نامي تي فروغ ڏيڻ آهي جيڪو تنوع، مڪالمي ۽ جمهوريت جي اصولن کي قدر جي نگاهه سان ڏسي. هن چيو ته 08 فيبروري تي ٿيندڙ عام چونڊون شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي مشن کي پڄاڻي تي پهچائڻ لاءِ هڪ اهم سنگ ميل ثابت ٿي سگهن ٿيون. هن چيو ته عوام 08 فيبروري تي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو ساٿ ڏئي جيڪو شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي فلسفي جي روشني ۾ معاشري مان ورهاست ۽ نفرت جي روايتي سياست جو خاتمو ڪرڻ ۽ پاڪستان لاءِ اتحاد، خوشحالي ۽ حقيقي سربلندي جي دور جو آغاز ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي.

بقايا *** 34

تي ڳڙهي خدابخش ڀٽو ۾ ڀرپور سياسي طاقت جو مظاهرو ڪرڻ لاءِ جلسو ڪوٺايو ويو آهي جنهن ۾ عام چونڊن جي مهم جي شروعات پڻ ڪئي ويندي. پيپلز پارٽي طرفان ورسي جي لاءِ سمورا انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن ڳڙهي خدابخش ڀٽو ۾ جلسي گاهه اندر 60 فوٽ ويڪري اسٽيج کي پارٽي جهنڊن، شهيد محترمه بينظير ڀٽو ۽ ٻين پارٽي اڳواڻن جي تصويرن سان سينگاريو ويو آهي. ورسي جي شروعات صبح جي وقت قرآن خواني سان ڪئي ويندي. جلسو شروع ٿيڻ اڳ منجهند ڌاري پيپلز ڪلچرل ونگ طرفان شهيد محترمه بينظير ڀٽو کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ مشاعرو ڪوٺايو ويندو جنهن ۾ ملڪ جا ناليوارا شاعر پنهنجي شاعري جي ذريعي شهيد محترمه بينظير ڀٽو کي ڀيٽا پيش ڪندا. ٻئي پاسي سخت سيءَ جي باوجود ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ مان ڪارڪن قافلن جي صورت ۾ ڳڙهي خدابخش ڀٽو پهچي رهيا آهن.

بقايا *** 35

ڪير به خريد ڪري سگهي ٿو ڪجهه پليٽ فارم به معاوضي بدلي اهي خدمتون ڏيندا آهن. جواب ۾ چيو ويو ته اي آءِ سان آواز جي ڪنٽينٽ کي تبديل ڪري سگهجي ٿو رڪارڊنگ سروس جي جاچ رڳو سوشل ميڊيا ئي ڏئي سگهي ٿي، جاچ حاصل ڪرڻ لاءِ ايف آءِ اي سائبر ڪرائم ونگ مجاز اٿارٽي آهي. بچاءَ واري وزارت پنهنجي جواب ۾ وڌيڪ چيو ته ڪالز ڪندڙ پاڻ ۾ رڪارڊ ڪري پوءِ ليڪ ڪري سگهن ٿا ۽ انهن جي فون به هيڪ ٿي سگهي ٿي. بچاءَ واري وزارت اسلام آباد هاءِ ڪورٽ کان رڪارڊنگ سروس جي جاچ لاءِ ايف آءِ اي سائبر ڪرائم ونگ کي هدايت جاري ڪرڻ جي اپيل ڪري ڇڏي.

بقايا *** 36

اداري موجب علائقي ۾ پارڪنگ جي تڪرار تان 6 ماڻهن وچ ۾ جهيڙي دوران هڪ شخص کي سخت زخمي حالت ۾ اسپتال نيو ويو پر هو پر هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو هو پنج سال پراڻي ان واقعي جو ڪيس عدالت ۾ هليو ۽ قاتل کي موت جي سزا ٻڌائي وئي. عدالتي فيصلي خلاف جوابدار جي اپيل به رد ڪئي وئي هئي. اپيل رد ٿيڻ بعد قاتل جي وارثن مقتول جي وارثن سان رابطو ڪيو جنهن دوران اصلاحي ڪميٽي به معاملو حل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي پر مقتول جو پيءُ ناهه لاءِ راضي نه ٿيو قاتل جا وارث مايوس ٿي ويا ۽ آخرڪار موت جي سزا جو ڏينهن اچي ويو. قصاص واري ڏينهن فيلڊ ڪورٽ جي اهلڪار ڏوهه جي نوعيت ۽ عدالتي فيصلي جو اعلان ڪيس ۾ آخري وقت تي مقتول جي پيءُ قاتل کي تلوار واپس رکڻ جو اشارو ڪري ڇڏيو. مقتول جي پيءُ چيو ته الله جي واسطي مان پنهنجي پٽ جي قاتل کي معاف ڪريان ٿو. معافي تي قاتل جي ماءُ جو جذباتي رد عمل ڏسڻ ۾ آيو جنهن ڳوڙها ڳاڙيندي چيو ته هن همت نه هاري هئي. اداري موجب علائقي ۾ پارڪنگ جي تڪرار تان 6 ماڻهن وچ ۾ جهيڙي دوران هڪ شخص کي سخت زخمي حالت ۾ اسپتال نيو ويو پر هو پر هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو هو پنج سال پراڻي ان واقعي جو ڪيس عدالت ۾ هليو ۽ قاتل کي موت جي سزا ٻڌائي وئي. عدالتي فيصلي خلاف جوابدار جي اپيل به رد ڪئي وئي هئي. اپيل رد ٿيڻ بعد قاتل جي وارثن مقتول جي وارثن سان رابطو ڪيو جنهن دوران اصلاحي ڪميٽي به معاملو حل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي پر مقتول جو پيءُ ناهه لاءِ راضي نه ٿيو قاتل جا وارث مايوس ٿي ويا ۽ آخرڪار موت جي سزا جو ڏينهن اچي ويو. قصاص واري ڏينهن فيلڊ ڪورٽ جي اهلڪار ڏوهه جي نوعيت ۽ عدالتي فيصلي جو اعلان ڪيس ۾ آخري وقت تي مقتول جي پيءُ قاتل کي تلوار واپس رکڻ جو اشارو ڪري ڇڏيو. مقتول جي پيءُ چيو ته الله جي واسطي مان پنهنجي پٽ جي قاتل کي معاف ڪريان ٿو. معافي تي قاتل جي ماءُ جو جذباتي رد عمل ڏسڻ ۾ آيو جنهن ڳوڙها ڳاڙيندي چيو ته هن همت نه هاري هئي.

بقايا *** 37

امان جا مسئلا پيدا نه ٿيندا، ڇاڪاڻ ته پاڪ فوج ملڪ جو اهم ادارو آهي. سکر ۾ نامزدگي ڪاغذن جي چڪاس ڪانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي خورشيد شاهه چيو ته ملڪ ۾ جيڪو ماحول آهي اهو سڀ ڪجهه ٺيڪ ناهي. جماعت اسلامي اليڪشن ۾ پنهنجو ووٽ آڻيندي، ڪنهن به پارٽي کي سادي اڪثريت حاصل نه ٿيندي ۽ اتحادين مان حڪومت ناهي ويندي ۽ پيپلز پارٽي اڳ ٿي چوندي رهي آهي ته اسان کي گڏجي پاڪستان کي بچائڻو آهي. هاڻي اسان لاءِ ڪو مسئلو ناهي. اسان ان ئي ميدان تي کيڏنداسين جيڪو اسان کي مليو آهي، برابري واري رانڊ جو ميدان آهي، جڏهن چونڊون ٿيون ته امن امان سميت ٻيا مسئلا پاڻمرادو حل ٿي ويندا، هن چيو ته پيپلز پارٽي هن وقت ميدان ۾ آهي، مان قمر زمان ڪائره، نديم افضل چن، نذر محمد گوندل ۽ ٻين جي جلسن کي به ڏسي رهيو آهيان. راجا پرويز اشرف ته آهي پر ٻين پارٽين جو ڊرائنگ روم جي سياست هلي رهي آهي، جيڪڏهن هو بائيڪاٽ ڪن ته سندن ڊرائنگ روم جي سياست نظر نه ايندي. هن چيو ته اميد آهي ته چونڊون مقرر وقت تي ٿينديون.

بقايا سنڌيار 01

گڏجاڻي ٿي گذري جنهن ۾ تعلقہ سوڀوديرو PPP جي صدر ايڊووڪيٽ اعجاز احمد کهڙو، جنرل سيڪريٽري گدا حسين سهتو سيد فرزند علي شاھ جيلاني، رسول بخش پٿو، حاڪم جوکيو، سرائي وزير حسين حطار، ظهور حسين جامڙو، طالب حسين پٿو حاجي عباس راڄپر، حاجي شهداد خان پاڳٽ، سردار الطاف حسين مشوري، سيد احمد علي شاھ، وڏيرو غلام عباس راڄپر، سرائي لياقت علي سيال، استاد رسول بخش سهتو اعجاز علي ملاح، مير حسين خاصخيلي، پرويز علي لاشاري، ڪامران علي سومرو، رئيس غلام حسين چانگ، بلاول علي سهتو ڪامريڊ خدا بخش سهتو، حاجي محمد حسن مگنيجو، استاد سرور ٿيٻو، فقير اصغر علي ابڙو ۽ ٻين پارٽي اڳواڻن ۽ ورڪرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي..!!!

بقايا سنڌيار 02

مهرجا مک قاتل گرفتار نہ ٿيڻ خلاف سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي علامتي بک هڙتال وارو سلسلو ايس يو جي ٿي قائم مقام صدر خالد ڀانڀڻ جي اڳواڻي ۾ جاري رکي قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعري بازي ڪئي وئي ان موقعي تي جنرل سکر پريس ڪلب جي نائب صدر لالا شهباز پٺاڻ جنرل سيڪريٽري شهزاد تاباڻي، سيد احقر شاھ، آصف لوڌي، سليم سهتو سحرش کوکر، ڪامران شيخ، انس گهانگهرو، عمر سومرو، جلال الدين پيو جهانزيب وسير، مسعود زيدي، حسيب شيخ، عبيد شيخ، يار محمد سومرو، اسحاق ڪوسو اظهر دايو شفيع ابڙو، علي ڪوسو ڪاشف قلپوٽو ديدار اتڙ، بخش علي قلپوٽو بابر ڪوکر، فضل الرحمان قريشي، اسلم دايو انس ملڪ، اورنگزيب ماڪو، ماجد منگي، عقيل احمد، ۽ ٻيا موجود هئا جڏهن تہ سول سوسائٽي جي ڊاڪٽر نذير ڪوکر، مخدوم بلاول، اعظم منگرو ۽ ٻين شريڪ ٿي يڪجهتي جو اظهار ڪيو ان موقعي تي صحافي اڳواڻن چيو تہ سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل 135 ڏينهن گذرڻ باوجود گرفتار نہ ٿيڻ سمجھ کان ٻاهر آهي جو تہ جان محمد جي قاتلن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ نگران سنڌ حڪومت ۽ عدالت پوليس کي واضح حڪم ڏنو آهي تہ قاتلن کي هر صورت ۾ گرفتار ڪيو وڃي ۽ اصل قاتل ايف آئي آر ۾ نامينيٽ ٿيل آهن پر قاتل اڃان پوليس جي پڪڙ کان بچيل آهن اهڙي عمل خلاف پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽ طرفان شهيد جان محمد مهر جي اصل قاتلن جي گرفتاري تائين احتجاجي تحريڪ تيز ڪئي وئي آهي ان ڏس ۾ ملڪ گير مظاهرن ۽ سڄي سنڌ جي پريس ڪلبن ٻاهران علامتي بک هڙتال بعد 6 جنوري 2024 تي سکر پريس ڪلب ۾ آل سنڌ جرنلسٽ ڪنونشن منعقد ڪيو ويندو ۽ شهيد جي خون سان انصاف تائين جدوجهد جاري رکي وڌيڪ احتجاج بابت اعلان ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 03

اکين ڪئمپ لڳائي وئي جتي اوڙي ٽيل جي پرپاسي جي 300 کان وڌيڪ مرد عورتن ٻارڙن جون اکيون چيڪ ڪندي مريضن کي مفت اکين جا ڦڙا ۽ چشما ڏنا ويا ملڪ جي مشهور اکين جي ڊاڪٽر ناصر احمد ميمڻ اکين جي بيماري جي مريضن کي چيڪ اپ ڪندي کين مشورا پڻ ڏنا ۽ ڪافي مريضن کي مفت آپريشن جو پڻ وقت ڏنو انهي موقعي تي رضاڪارن ۾ مولوي ذوالقرنين لاکو محمد هاشم لغاري مولانا بجاالدين لاکو مولوي شوڪت علي لغاري شامل هئا.

بقايا سنڌيار 04

ملڪ جي سڀ کان وڌيڪ مقبول ترين پارٽي آهي جيڪڏهن چونڊون صاف ۽ شفاف ٿيون ڊي ٽي آئي سنڌ سميت سڄي ملڪ ۾ ڀرپور ڪاميابي ماڻيندي ميڊم شهناز بلوچ وڌيڪ چيو تہ هن ٺٽي مان ميرپور ساڪرو جي صوبائي تڪ پي ايس 76 تان نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا آهن جيڪڏهن ڪيس اليڪشن ۾ پارٽي طرفان ٽڪيٽ ملي تہ مخالفن جو سخت مقابلو ڪيو ويندو هن وڌيڪ چيو تہ پاڪستان تحريڪ انصاف ملڪ جي واحد پارٽي آهي جنهن قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جي ٽڪن سميت مڪاني ادارن جي اليڪشنز ۾ عورت اميدوارن کي چونڊن جي ميدان ۾ لاهي ٿي جڏهن تہ ٻيون پارٽيون صرف رزرو سيٽن تي ٽڪيٽون ڏين ٿيون جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ پي ٽي آءِ ملڪ جي سمورين سياسي پارٽين کان وڌيڪ عورتن جي حقن تي يقين رکي ٿي ۽ اسان پنهنجي قائد عمران خان جي ويزن کي پورو ڪرڻ ۾ ان سان گڏ بيٺا آهيون.

بقايا سنڌيار 05

سينٽر ڳوٺ حاصل ڪوسو ۽ " ٽري ٽاپ اجوڪشنل سسٽم " ڪرڪوسو ڪئمپس ۾ سنڌي ثقافتي تقريبون منعقد ٿيون، جنهن ۾ سماجي تنظيم " بستي " جي اگزيڪٽو ڊائريڪٽر مئڊم شهرت خاتون، رضواڻ فاطمہ، شراز علي منگي، تعليمي ماهر بدرالدين ٿنو نادر ڪوسو حاجي معشوق علي ڪوسو سميت مختلف اسڪولن جي شاگرد، شاگرديائين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي شاگرد ۽ شاگرديائين ثقافتي تقريب جي حوالي سان ملي نغما، ٽيبلوز ۽ تقريرون پيش ڪيون، جڏهن تہ قومي ترانن ٽيبلوز ۽ ثقافتي گيت پيش ڪري خوب داد وصول ڪيو تقريب کي مئڊم شهرت خاتون، رضواڻ فاطمہ، شراز علي منگي، بدرالدين ٿنو نادر ڪوسو حاجي معشوق علي ڪوسو ۽ ٻين خطاب ڪيو اگزيڪٽو ڊائريڪٽر مئڊم شهرت خاتون چيو تہ تعلم سان گڏ سنڌ جي شاندار روايتن کي بين الاقوامي پليٽ فارم تي نمايان ڪري سگهجي ٿو سنڌ جي ثقافت شاندار آهي، سنڌ پنج هزار سال پراڻي ثقافت ۽ تهذيب جي ماءُ آهي، ضرورت ان ڳالھ جي آهي تہ سنڌ جي بهترين ثقافت کي اجاگر ڪيو وڃي، هن چيو تہ سنڌ ۾ اعلي معيار جي تعلم ۽ ڪواليٽي ايجوڪيشن جي ترقي ۾ " سنڌ ايجوڪشن فائونڊيشن " جي اهم ڪردار کي وساري نہ ٿو سگهجي، تقريب کي شاگردياڻي نصرت، مهوش، بشرا بروهي، جان محمد، روزن، ثنا، ڪائنات، صنم ٽيبلوز پيش ڪيا، ان موقعي تي شاگردن سنڌ جي ثقافت جي عنوان تي تقريرون ڪيون.

بقايا سنڌيار 06

کي ووٽ ڏيڻ جو فيصلو. اهڙو فيصلو جي ٽڪ اين اي 206 ۽ صوبائي ٽڪ پي ايس 35 تي ڪيو ويو جنهن ۾ اين اي 206 تي نوجوان چهرو علي گل لاشاري جڏهن تہ پي ايس 35 تي نوجوان محمد رفيق لاشاري پاران آزاد حيثيت ۾ فارم ڀرايا ويا جيڪي اليڪشن ڪميشن پاران سنڌن فارم بحال ڪيا ويا جنهن کان پوءِ ٻنهي نوجوانن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ پوتاري سياست ڪيترن ئي سالن کان عوام کي بيوقوف ڪندي پيئي اچي پر هاڻي وقت اچي ويو آهي جو عوام پنهنجي دل وٽان فيصلو ڪيو آهي ۽ اسان کي فارم ڀرايو ويو آهي سنڌن وڌيڪ چوڻ هو تہ مورو جي عوام اسان سان گڏ آهي ۽ اسان پر اميد آهيون تہ اليڪشن کٽي ڪري عوام جي مشڪلاتن کي ختم ڪنداسين سنڌن وڌيڪ چوڻ هو تہ اسان جي اچڻ جو مقصد تڪ ۾ ڊريش ايندڙ مسيلن جو حل آهي جنهن ۾ کاڌ خوراڪ سان گڏ بهتر تعليم صحت روزگار روڊ رستا ۽ بي گهر ماڻهن کي گهر ٺهرائي ڏيڻ آهي - ٻيهي پاسي ٻنهين اميدوارن جا فارم بحال ٿيڻ کان پوءِ سوين گاڏين جي قافلي سان گڏ اليڪشن ڪميشن آفيس مان روانا ٿي ويا. جڏهن تہ چاهيندڙن شاهد حسين ابڙو، وقار احمد ابڙو پاران ڪپي اسان کي نوجوان علي گل خان علي گل خان جا نعرا پڻ هنيا.

بقايا سنڌيار 07

عمران علي لاشاري 3 ڏينهن اڳ پنهنجن چاچن ڏانهن ويو هو ۽ اتان واپس گهر ايندي ميهڙ جي ريشم گلي شاهي بازار مان گم ٿي ويو آهي هن چيو تہ نينگر جو ذهني توازن بہ صحيح نہ آهي جيڪو ٽن ڏينهن کان گم ٿيل آهي اسين ڳولها ڪرڻ باوجود ڪو پتو نہ پئجي سگهيو آهي هن چيو تہ اسين نينگر جي گم ٿيڻ جو اطلاع ميهڙ پوليس کي پڻ ڏنو آهي جڏهن تہ نينگر جي گم ٿيڻ بعد سندس امڙ ۽ گهرڀاتي انتهائي پريشان آهن هن چيو تہ اسين مسڪين آهيون نينگر جي ڳولها لاءِ ميهڙ پوليس اسان جي مدد ڪري

بقايا سنڌيار 08

ڪاٽي رهيو آهيان گهربل سمورا ڪاغذ مون وٽ موجود آهن ان باوجود عملدار مون کي بار بار رلائي پيو هن الزام هڻندي چيو تہ چانڊيل عملدار رشوت لاءِ گهرواري جو فارم جمع نہ پيو ڪري آئون پورهيت ماڻهو آهيان ملڪاڻي کان جهڏو ڪيترائي پيرا پاڙا پري جهڏو نادرا سينٽر تي فارم جمع ڪرائڻ لاءِ آيو آهيان پر عملدار مون کي مختلف بهانن سان تنگ ڪري پريشان ڪري ڇڏيو آهي هن نادرا جي اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ نوٽيس وٺي عملدار خلاف ڪارروائي ڪري تدارڪ ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 09

ميراڻي، غفور ڏاماچ، حسين ملاح ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ شهرين موبائيل ٽاور آفيس آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي هنن جو چوڻ هو تہ سجاول ضلع جو انتهائي پٺتي پيل شهر ٻنون ۾ هوئن تہ ڪا بنيادي سهولت ميسر ناهي، پر ٻن موبائيل ڪمپنين زونگ ۽ ٽيلنور جا لڳل ٽاور ڪافي وقت کان وٺي بند پيل آهن جنهن سبب ٻنون واسي سڄي دنيا کان ڪٽيل رهن ٿا. جڏهن تہ موبائيل ٽاورن تي مقرر عملي جو چوڻ آهي، تہ ڪمپنيون جرنيٽر هلائڻ لاءِ ڪو بہ تيل ڏيڻ لاءِ تيار ناهن. هنن چيو تہ ڪروڙين روپيا ڪمائيندڙ موبائيل ڪمپنيون ٻنون سميت آسپاس جي رهندڙ هزارين ماڻهن کي بي يارو مددگار ڇڏي ڏنو آهي، ڪافي هاٿي گهوڙا باوجود موبائيل ڪمپنيون ڪو بہ تدارڪ ڪرڻ لاءِ تيار ناهن. هنن مطالبو ڪيو تہ ٻنون ۾ لڳل موبائيل ڪمپنين جي ٽاورن کي فوري طور هلائي عوام مان بيچيني ختم ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 10

سودر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ 3 ڪلو ميٽر پيادل مارچ ڪري اعواڻ موري وٽ ميهڙ انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو ويو مقتول نوجوان جي امڙ، والد، ڀينرون ۽ وارث عورتون پاڪ ڪتاب کڻي روئينديون ۽ انصاف لاءِ داڻهينديون رهيون جڏهن تہ انڊس هاءِ وي تي لڳل ڌرڻي سبب ڪراچي ۽ لاڙڪاڻو ڏانهن ايندڙ ويندڙ ٽرئفڪ معطل ٿي وئي مسافر سخت پريشانين کي منهن ڏيڻ لڳا مظاهرين چيو تہ افسوس جو اسان جي نوجوان کي بي گناھ ڦر دوران مزاحمت تي قتل ڪيو ويو پر ميهڙ پوليس هڪ مهينو گذرڻ باوجود جوابدارن کي گرفتار ڪري نہ سگهي آهي ۽ نہ وري قاتل جوابدارن جي نشاندهي ڪري سگهي آهي هنن چيو تہ افسوس ميهڙ پوليس ڪا مدد ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي پوليس ڏوهارين خلاف ڪارروائي بہ نہ پئي ڪري هوڏانهن ميهڙ انڊس هاءِ وي تي لڳل ڌرڻي ۾ هڪ ڪلاڪ بعد ڊي ايس پي ميهڙ شمس الدين پيو، سي آءِ انچارج طارق سولنگي ۽ ميهڙ اي، بي سيڪشن ٿاڻن جا ايس ايچ اوز پهچي مظاهرين سان ڳالهيون ڪري قاتل جوابدارن جي گرفتاري لاءِ يقين ڏياري ڪرائڻ بعد ڌرڻو ختم ڪرائي ڇڏيو آهي.

بقايا سنڌيار 11

ڏينهن کان جاري آهي انهي سلسلي ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي جي متوقع اميدوار ۽ پيپلز پارٽي ضلعي ٺٽي جي صدر صادق علي ميمڻ جا نامزدگي ڪاغذ جڏهن تہ ٺٽي جي تڪ پي ايس 75 تان جماعت اسلامي جي اميدوار عبدالله آدم گندرو جا نامزدگي ڪاغذ منظور ڪيا ويا آهن صوبائي تڪ پي ايس 76 ميرپور ساڪرو تان پڻ آزاد اميدوار عبدالغني بگهياڙ جا نامزدگي فارم منظور ڪيا ويا تہ ٻئي پاسي وري پ پ پ مخالف جماعت اسلامي جي اميدوار محمد علي خٽڪ ـ پاڪستان تحريڪ انصاف جي اميدوار وحيد رند. ايم ڪيو ايم جي اميدوارن سميت مختلف سياسي پارٽين ۽ آزاد اميدوارن جا فارم پڻ رد ڪرڻ وارو سلسلو جاري آهي

بقايا سنڌيار 12

ماجد تگڙ، سنڌس ڀاءُ سينئر ڪلارڪ ساجد تگڙ، جونيئر ڪلارڪ عبدالستار عمراڻي، نائب قاصد منور راجپوت ۽ سوئيپرن شاهد شيخ، توفيق پيرزادو سميت 11 ڄڻن تي ڄڙتو ايف آءِ آر ڪرائي جنهن ۾ ميونسپل آفيسر فرياد ڪيو آهي تہ ٽائون ڪاميٽي جيڪا ميونسپل ڪاميٽي ٿي آهي ان جون فارملٽيون پوريون ڪرڻ لاءِ مان، وائيس چيئرمين ڊاڪٽر ڪاشف مصطفيٰ ميمڻ ۽ علي اصغر چنڊ سنڌ بئنڪ برانچ نوشهرو فيروز بائيوميٽرڪ ڪرائڻ لاءِ آياسين تہ هڪ پرائيويٽ مڙس ماجد تگڙ ۽ 10 ملازم مڙس بئنڪ ۾ آيا اسان کي گهٽ وڌ ڳالهايو ۽ پرائيويٽ مڙس ماجد تگڙ پسٽل ڪڍي ڌمڪايو انهيءَ ڪري آءُ فرياد داخل ڪرائي رهيو آهيان. ٻئي پاسي من گهڙت ايف آءِ آر ڪٽرائي صحافي ماجد تگڙ کي ڦاسائڻ تي سنڌ صحافي اتحاد پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ۽ ميونسپل ڪاميٽي جي ڪرپٽ آفيسرن خلاف سخت نعري بازي ڪئي وئي ان موقعي تي نيشنل پريس ڪلب جي صدر ايم ظفر تگڙ، سنڌ صحافي اتحاد جي اڳواڻ يونس راڄپر، شاهد چنڊ، ارشاد عباسي، احد ميمڻ، افضل منگي، گلبهار مري ۽ ٻين چيو تہ ميونسپل آفيسر لياقت پٽي ۽ ڪرپٽ عملدار بدمعاشي تي لهي آيا آهن هڪ تہ ملازمن کي ڇهن مهينن جون پگهارون نٿيون ملن ٻيو وري ڪوڙيون ايف آءِ آرون داخل ڪيون ٿيون وڃن. هنن ايف آءِ آر خارج نہ ڪرڻ جي صورت ۾ سخت احتجاج جو اعلان ڪيو.

بقايا سنڌيار 13

وئي. خبر موجب فرينڊشپ فار ايور گروپ جي وفد وحيد قلپوٽو جي اڳواڻي ۾ صحافي عبدالخالق سومرو وٽ پهچي ڪري شڪارپور پريس ڪلب جي ساليانی اليڪشن ۾ خزانچي جي عهدي تي بنا مقابلي ڪاميابي ماڻڻ تي گلن جا هار پارائي مبارڪباد ڏني ان موقعي تي صحافي عبدالخالق سومرو آيل وفد جو شڪريو ادا ڪيو ۽ چيو تہ پريس ڪلب شڪارپور جي عوام جو ادارو آهي جتي مظلومن ۽ شهرين جو درد اعلي ايوانن تائين ذميواري سان پهچائينداسين شهرين جي دردن جو آواز بڻبا سين ان موقعي تي ايڊووڪيٽ زاهد پنهور، سجاد سيلار، شرجيل شيخ، عرفان ملڪ ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 14

لڳ ڳوٺ ملڪو واهڻ جي لنڪ روڊ جي پل گذريل ان مهينن کان لاوارثي جو شڪار يوسي جهندو مشائخ جي انتظاميہ جاڻ هوندي بہ ڌيان نہ ڏئي ايندڙ اليڪشن ۾ ووٽن لاءِ ايندڙ اميدوارن کي ڀڳل ٽٽل پل تي بيهي آئينو ڏيکارينداسين ڳوٺ ملڪو واسين جو ميڊيا وسيلي عام انتخابات ۾ ووٽ لاءِ ايندڙ اميدوارن کي ميڊيا وسيلي جتاءُ اگر جلد پل جو تعميراتي ڪم نہ ٿيو تہ يوسي جهندو مشائخ انتظاميہ جي خلاف سخت احتجاج ڪنداسين 31 ڊسمبر تي سال جي آخري سج کي ڀڳل ٽٽل پل ۽ اکڙيل روڊ تان سلامي ڏينداسين ۽ 2023 کي يوسي جهندو مشائخ تباهي جو سال سمجهي الوداع ڪنداسين اسان جو مطالبو آهي تہ ڳوٺ ملڪو واهڻ کان جنگهو استاب تائين ويندڙ لنڪ روڊ ۽ پاتا شاخ جي پل جلد تعمير ڪرائي ڏنا وڃن نہ تہ سخت احتجاج ڪنداسين

بقايا سنڌيار 15

ڇڏيو چوڪري جي والد محمد جهانزيب اسلام آباد جي لوهيا بهير ٿاڻي تي ڌي جي اغوا جي ايف آءِ آر داخل ڪرائي ڇڏي چوڪري جو چوڻ آهي تہ مان عاقل ۽ بالغ آهيان مونکي ڪنهن بہ اغوا ناهي ڪيو پنهنجي مرضي سان عبدالصمد سان نڪاح سنتي محمدي موجب شادي ڪئي آهي منهنجو والد ڀاءُ ۽ چاچو اسلام آباد پوليس ذريعي منهنجي مڙس ۽ ان ڀائرن کي پريشرائيز ڪري رهيا آهن موت مار ڌمڪيون ڏين ٿا منهنجي ۽ منهنجي مڙس جي ڀائرن کي جان جو خطرو آهي منهنجي وس وارن کي اپيل آهي اسان کي تحفظ ڏئي ڪوڙا ڪيس ختم ڪيا وڃن

بقايا سنڌيار 16

هيلٿ سينٽر ناروشاهہ پهتو ڪيس ڊاڪٽرن اهو چئي موٽائي ڇڏيو تہ ويڪسين اسان وٽ موجود ناهي جڏهن تہ هو ويڪسين ڪرائڻ لاءِ پرائيوٽ ڪلينڪ تي پهتو جتي ڪيس ڊاڪٽر 750 ۾ ويڪسن ڪئي راجا منگي پريس ڪلب ناروشاهہ تي داهيندي ٻڌايو تہ مان غريب مسڪين آهيان هوٽل تي ٻهاري ڪندو آهيان منهنجي ڏهاڙي 400 روپيہ آهي مان پرائيوٽ ڪلينڪ تي علاج نٿو ڪرائي سگهان ناروشاهہ سرڪاري اسپتال ۾ نہ ڊاڪٽر آهن تہ دوائون آهن نہ ئي وري ڪا ويڪسين موجود آهي هن ڊي ايچ او نوشهرو فيروز کي اپيل ناروشاهہ اسپتال سان ڊاڪٽر مقرر ڪري دوائون ۽ ڪتن ويڪسين مهيا ڪئي وڃي جڏهن هن ميڊيا سان ڳالهائيندي وڌيڪ ٻڌايو تہ ناروشاهہ شهر جي ٽائون انتظاميا نااهل ۽ ڪرپٽ بڻجي چڪي آهي سڄو شهر ڪندگي جي ور چڙهي چڪي آهي ٽائون جا ملازم ويڙا تي مرڪلي ٽائون آفيسر ۽ انجا ڪرتا درتا فرحان ميمڻ سراج پرٽ منٿليون ڪاٽڻ ۾ پورا آهن نہ ناروشاهہ ۾ ڪتا مار مهم شروع ٿي سگهي آهي نہ بيمارين کي روڪڻ ڪا اسپري شروع ٿي سگهي هن لوڪل گورنمينٽ جي منسٽر ڊي سي نوشهرو فيروز کي مطالبو ڪندي چيو تہ ناروشاهہ ۾ رولو ڪتن خلاف ڪتامار مهم شروع ڪرائي وڃي تہ جيئن شهرين کي وڌيڪ ڪتن جي ڏاڙهڻ کان بچائي سگهجي

بقايا سنڌيار 17

ارسلان اسلام شيخ هو جڏهن تہ ٻين مهمانن ۾ ڊپٽي ميئر سکر ڊاڪٽر ارشد مغل، پاسٽر وارث عثانوال، پ پ ليڊيز ونگ جي ميڊم عذرا جمال ٽائون وائيس چيئرمين مرتضيٰ گهانگهرو، سکر جي سياسي، سماجي، مذهبي، ڪاروباري شخصيتن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ مسيحي برادري سميت برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ بعد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي ميئر سکر ارسلان اسلام شيخ باني پاڪستان جو شڪريو ادا ڪيو جن جي سخت محنت ۽ اڻ ٿڪ جدوجهد سبب برصغير جي مسلمانن کي آزادي ملي ۽ آزادي جي خواب کي ساڀيان ڪرڻ لاءِ ڪيل جدوجهد کي خراج تحسين پيش ڪيون ٿا آزاد پاڪستان فخر جي ڳالھ آهي، هن چيو تہ 25 ڊسمبر اسان لاءِ اهم آهي چو تہ اڄ اسان پنهنجي عظيم قائد باني پاڪستان قائداعظم محمد علي جناح جو جنم ڏينهن ملهائي رهيا آهيون، قائد اعظم محمد علي جناح هڪ نامور سياستدان ۽ مفڪر هو جنهن پاڪستان جي آزادي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ برصغير جي مسلمانن کي هڪ الڳ مسلم رياست پاڪستان وجود ۾ آيو عظيم ليڊر جنهن جي اڻٿڪ محنت سان پاڪستان آخرڪار دنيا جي نقشي تي ابري آيو هن چيو تہ ڪرسمس جو ڏينهن امن، محبت ۽ ڀائيچاري جو پيغام ڏئي ٿو ملڪ ۾ مسيحي برادري سيني شعبن ۾ قابل قدر خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. پاڪستان جو سافٽ اميج سڄي دنيا ۾ اجاگر ڪرڻ ۾ مسيحي برادري جو ڪردار ساراھ جوڳو آهي. پاڪستان جا شهري مسيحي برادري جي خدمتن کي تمام گهڻي قدر ڏين ٿا ۽ اڄ اسان هن ڏينهن تي انهن کي مبارڪباد پيش ڪريون ٿا ۽ اهو ڏينهن انهن سان ملهائي رهيا آهيون.

بقايا سنڌيار 18

احترام سان اڄ ملهائي ويندي. ورسي جي موقعي تي پاڪستان پيپلز پارٽي طرفان ڳڙهي خدابخش ڀٽو ۾ ڀرپور سياسي طاقت جو مظاهرو ڪرڻ لاءِ اڄ جلسي عام ڪوٺايو ويو جنهن ۾ پيپلز پارٽي طرفان عام چونڊن جي مهم جي شروعات ڪئي ويندي. جلسي عام لاءِ ڳڙهي خدابخش ڀٽو ۾ جلسي گاھ اندر 60 فوٽ ويڪري اسٽيج ٺاهي آن کي پارٽي جهنڊن، شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو ۽ ٻين پارٽي اڳواڻن جي تصويرن سان سينگاريو ويو آهي. ورسي جي شروعات صبح جي وقت قرآن خواني سان ڪئي ويندي بعد ۾ منجهند ڌاري پيپلز ڪلچرل ونگ طرفان شهيد محترمہ بينظير ڀٽو کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ مشاعرو ڪوٺايو ويندو مشاعري ۾ ملڪ جا نالي وارا شاعر پنهنجي شاعري جي ذريعي شهيد محترمہ بينظير ڀٽو کي ڀيٽا پيش ڪندا. ٻئي پاسي سخت سيءَ جي باوجود ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ڪارڪن قافلن جي صورت ۾ ڳڙهي خدابخش ڀٽو پهچڻ جو سلسلو جاري آهي. ورسي ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ پاڪستان پيپلز پارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، اڳوڻو صدر پاڪستان پيپلزپارٽي جو شريڪ چيئرمين آصف علي زرداري سندس ننڍي نياڻي آصفہ ڀٽو زرداري، صنم ڀٽو پي پي پي ليڊيز ونگ جي مرڪزي صدر فريال ٽالپر سميت ٻيا اڳواڻ نئون ديرو پهچي ويا آهن. ورسي تقريب ۾ اڳوڻو وزيراعظم قومي اسيمبلي جو اسپيڪر راجا پرويز اشرف، اڳوڻو وزيراعظم يوسف رضا گيلاني، اڳوڻو وڏو وزير سيد مراد علي شاھ سميت پيپلز پارٽي جا مرڪزي اڳواڻ شرڪت ڪري ڳڙهي خدابخش ڀٽو ۾ رٿيل جلسي عام کي خطاب پڻ ڪندا. هوڏانهن شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي ورسي جي موقعي تي پيپلز پارٽي جا مرد جيالن توڙي جياليـن وڏي انگ ۾ ڳڙهي خدابخش ڀٽو پهچي پنهنجي قائد ذوالفقار علي ڀٽو شهيد محترمہ بينظير ڀٽو ۽ ٻين شهيدن جي مزار تي حاضري ڀري شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪري رهيا آهن. پيپلز پارٽي جي قيادت طرفان ڳڙهي خدابخش ڀٽو ۾ مزار ٻاهريان سنڌ، بلوچستان، پنجاب، ڪي پي ڪي، آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن لاءِ استقباليہ ڪئمپون قائم ڪيون ويون آهن جتي ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان ايندڙ قافلن جو استقبال پڻ ڪيو پيو وڃي. ورسي جي موقعي تي سيڪيورٽي جا فول پروف انتظام ڪيا ويا آهن. لاڙڪاڻو پوليس جي انتظاميہ پاران ڳڙهي خدابخش ڀٽو توڙي نئون ديرو هائوس جي سيڪيورٽيءَ لاءِ 7000 هزار کان وڌيڪ پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن کي مقرر ڪيو ويو آهي جن ۾ 26 ايس ايس پيز، 6 اي ايس پيز، 72 ڊي ايس پيز، 138 انسپيڪٽر، 217 سب انسپيڪٽر، 593 اي ايس آئيز، 798 هيڊڪانسٽيبل، 4755 پوليس اهلڪار، 500 ايس ايس يو 300 ليڊيز 700 ٽريفڪ اهلڪارن سميت ڪمانڊوز پنهنجون فرائض سرانجام ڏيندا. ڳڙهي خدابخش ڀٽو ۾ 150 کان وڌيڪ سي سي ٽي وي ڪئمرائون، 80 کان وڌيڪ واڪ ٿرو گيٽس ۽ ميٽل ڊٽيڪٽر لڳائي بم ڊسپوزل عملي کي پڻ الرٽ رکيو ويو آهي. سيڪيورٽي انتظامن جو جائزو وٺڻ ۽ انهن جي نگرانيءَ لاءِ ڳڙهي خدابخش ڀٽو ۾ شهيدن جي مزار پنيان لاڙڪاڻو پوليس طرفان خصوصي ڪنٽرول روم قائم ڪيو ويو آهي. جتان ورسي تقريب جي نگراني ڪئي ويندي. ضلعي انتظاميہ طرفان ڳڙهي خدابخش ڀٽو ۽ نئون ديرو ۾ ميڊيڪل ڪئمپون لڳايون ويون آهن.

بقايا سنڌيار 19

سياسي پارٽين جي اڳواڻن ،ايم ڪيو ايم جي اياز ناصر ـ جماعت اسلامي جي اميدوار محمد علي خٽڪ ۽ پي ٽي آئي اميدوار وحيد رند سميت آزاد اميدوارن جا نامينيشن فارم آر او طرفان فارم رد ٿيڻ واري عمل کي رد ڪندي آر او کي هٽائڻ جي گهر ڪئي ان سلسلي ۾ جماعت اسلام جي الطاف احمد ملاح ـ عبدالله آدم گندرو قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ سنڌي ياسر جاکرو سميت مختلف اڳواڻن جو چوڻ هو تہ پي ايس 76 تي پ پ پ جي اميدوار سابق ايم پي اي حاجي علي حسن زرداري کي ڪٽرائڻ لاءِ پري پول ڌانڌلين جي شروعات ٿي چڪي آهي مختلف پارٽين پاران جن بہ اميدوارن فارم ڀرايا آهن انهن جا فارم آر اوز طرفان معمولي اعتراض هڻي رد ڪيا ويا آهن اڳواڻن جو چوڻ هو تہ اليڪشن ڪميشن کي گهرجي تہ اليڪشن ڪرائڻ جا اختيار بيوروڪريسي جي حوالي ڪرڻ بجاءِ جڊيشري جي حوالي ڪري ها تہ جيئن اليڪشنون صاف سٿري طريقي سان ٿي سگهن ها اڳواڻن جو وڌيڪ چوڻ هو تہ جن بہ سياسي پارٽين ۽ آزاد اميدوارن جا آر او فارم رد ڪيا ويا آهن انهن اميدوار پاران انهي سلسلي ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ سان رابطو ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 20

علي منگي سهيل منگي مشتاق مري زاهد لند احد ميمڻ اسد عمراڻي شير علي مشوري شاهد خانزادہ ارشاد عباسي نيشنل پريس اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي ۽ چيو تہ ٽي ايم او لياقت پٽي خلاف فورن قدم کڻڻ جي گهر ڪئي ان موقعي تي ماجد تگڙ ٻڌايو تہ ميونسپل جي ملازمن جي احتجاج جون خبرون هلائڻ تان منهنجي خلاف من گهڙت ايف آءِ آر داخل ڪري پنهنجي ڪرپشن لڪائڻ ٿو چاهي اسان وس وارن کان مطالبو ڪريون ٿا تہ فورن ڪوڙي من گهڙت ايف آءِ آر ختم ڪئي وڃي ور نہ سخت احتجاج ڪنداسين سنڌ صحافي اتحاد جي اڳواڻ يونس راڄپر چيو تہ ماجد تي داخل ڪيل ڪوڙي ايف آءِ آر ختم نہ ٿي سخت احتجاج ڪنداسين

بقايا سنڌيار 21

قريشي نيشنل پريس ڪلب ۾ جاويد اقبال قريشي، نويد علي قريشي ۽ ساجد علي قريشي سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو تہ هو گذريل ڏينهن پنهنجي سرڪاري ڪم جي سلسلي ۾ شهمير پنهور ڪالوني واري علائقي مان وڃي رهيو هوس تہ اوچتو 4 ڄڻن غلام رسول زئي جوابدارن غلام عباس زئي غلام حيدر زئي ۽ شاهد يوسفزئي مون تي قاتلاڻو حملو ڪيو جوابدارن جي هٿن ۾ ڪهاڙيون ۽ پستول هئا، مون کي مٿي ۾ ڪهاڙي لڳي مان زخمي ٿي پيس، هن ٻڌايو تہ هي واقعو ان محل پيش آيو جڏهن مهاجر ڪلچر جي ريلي رات جي وقت گذري رهي هئي. پاڙي جي ماڻهن وچ ۾ پئي منهنجي جان بچائي، مان ٿاڻي تي ويس ۽ واقعي جي انٽري ڪرائي ليٽر ڪٽي اسپتال مان علاج ڪرايو جنهن بعد حسنين خاصخيلي واقعي واري هنڌ پهتو جڏهن تہ واقعي سان حسنين خاصخيلي جو ڪو بہ تعلق ناهي، جوابدارن حسنين خاصخيلي کي پڪڙي ان وٽان پسٽل برآمد ڪيو ۽ جوابدارن ڊرامو ناهي حسنين خاصخيلي کي مون تي حملي ۾ ذميوار قرار ڏنو هن وڌيڪ ٻڌايو تہ مهينا اڳ هنن مون تي نينگر کي زيادتي جو نشانو بنائڻ جو ڪوڙو الزام هنيو پر اڄ تائين جنسي زيادتي جو هڪ بہ ثبوت پيش نہ ڪري سگهيا آهن. مون غلام رسول وٽ 360000 ڪميٽي جا جمع ڪرايا جيڪي مون کي اڄ تائين نہ مليا آهن. جنسي زيادتي جو ڪيس ناهي مون کي بليڪ ميل ڪري فيصلو لڪرايو ويو هن وڌيڪ چيو تہ اسان کي اطلاع مليو آهي تہ مخالفن هڪ ڀيرو ڏند توڙي جنهن جو الزام مون تي لڳائي رهيا آهن جنهن سان منهنجو ڪو بہ تعلق ناهي، اشرف قريشي جو چوڻ هو تہ مان پوليس ۾ ملازم آهيان پنهنجي ڊيوٽي ايمانداري سان ڪري رهيو آهيان ۽ 28 سالن کان شهمير پنهور ڪالوني رهائش پذير آهيان. هن آءِ جي سنڌ ۽ ايس ايس پي سانگهڙ کان مطالبو ڪيو آهي تہ واقعي جي انڪوائري ڪري جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 22

شهاب ميمڻ فقير اخلاق جوکيو اختر موجائي سيد الطاف شاھ ۽ ٻين چيو تہ محرابپور ۾ ڪلر جي ڊيلرن پاران غريب هارين سان ظلم جي انتها ڪري ڇڏي 37 واري ڪلر جي بوري 6000 هزار ۾ وڪرو ڪئي پئي وڃي ڪلر مافيا خلاف ڪيترائي احتجاج ٿيا ليڪن ڪلر مافيا بااثر هجڻ ڪري سنڌن خلاف ڪنهن بہ قدم نہ کنيو اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ ٻيا عملدار ڪلر مافيا سان ٻٽ ٻڌيل آهن جنهن ڪري غريب آبادگار سخت پريشان آهن غريب هارين پاران ڪلر مافيا جي ڊيلرن جي گدامن وٽ روز اچي روز ڪالي هٿ واپس وڃن ٿا هنن چيو تہ اسان جي هيءَ ڪئمپ روزانو جي حساب سان جاري رهندي جيستائين غريب هارين کي ڪلر سرڪاري ريٽ تي نہ ملندو

بقايا سنڌيار 23

سبب عورتن ۽ ٻارڙن ۾ ڪيهات پئجي ويا عورتون ۽ معصوم ٻارڙا پاڻي ۾ گوتا کاهيندا ۽ تڙپندا رهيا جڏهن تہ ڀڄتا ٽريڪٽر ٽرالي جي ٽائرن هيٺان اچي ويا جن کي ماڻهن ٻاهر ڪڍي ورتو واقعي جي اطلاع بعد ميهڙ ۽ قاضي عارف جي پوليس واقعي واري هنڌ بروقت نہ پهچي سگهي جڏهن تہ ويجهن علائقن جا رهواسي ۽ رستي سان ايندڙ ويندڙ ماڻهن پهچي زخمين کي تعلقي اسپتال ميهڙ منتقل ڪيو جڏهن تہ تعلقي اسپتال ميهڙ آيل زخمين ۾ عمرہ زال جعفر حسين هيسباڻي، ارشاد خاتون زال عمران علي ، مختيار ڌي شوڪت علي، نائلا ڌي محمد پريل، عزت خاتون، زهرا، توفيق، صابر حسين، نومان عباس ، ڪومل، عاليہ، غلام رسول، عبدالوحيد، 11 سالا احمد علي ، 8 سالا ثقلين، امتياز علي ، غلام اصغر، مسز وحيد، مسمات زرينہ، 10 سالا حسنين ، 15 سالا ميسر عباس ۽ ٻيا شامل آهن تعلقہ اسپتال ميهڙ ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي جڏهن تہ 17 کان وڌيڪ زخمين کي تعلقي اسپتال ميهڙ بعد ڳنڀير جوڳي حالت ۾ لاڙڪاڻو اسپتال منتقل ڪيو ويو تعلقي اسپتال ميهڙ جي ايم ايس ڊاڪٽر هدايت علي ڪوسو ٻڌايو تہ واقعي جو اطلاع ملندي ئي اسپتال ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪندي ڊاڪٽرن ۽ پيرا ميڊيڪل اسٽاف کي مقرر ڪيو ويو جڏهن تہ ايمبولينس جي ذريعي 17 کان وڌيڪ زخمين کي نازڪ حالت ۾ لاڙڪاڻو اسپتال منتقل ڪيو هو هوڏانهن حادثي ۾ زخمي ٿيندڙن ٻڌايو تہ اسين ميهڙ تعلقي جي ڳوٺ پند ماڙي پرسان هيسباڻي جي ڳوٺ مان شاھ گودڙيو ڏانهن سکا ڪٽي وڃي رهيا هئاسين تہ قاضي عارف پرسان موري ٽٽل هجڻ ڪري بس جي ڪراسنگ دوران ڊرائيور کان ٽريڪٽر ٽرالي سم شاخ ۾ هلي وئي جنهن سبب اسان جي ڳوٺ جا رهواسي ۽ ضلع خيرپور جي تعلقي ڪرونڊي جي ڳوٺ خدا بخش هيسباڻي کان آيل مائٽ زخمين ۾ شامل آهن ياد رهي تہ روڊس کاتي کي نااهلي ۽ ٻوڏ کان پوءِ قاضي عارف ۽ فريدآباد روڊ ۽ مورين جا ڪم نہ ٿيڻ ۽ سم شاخ ٽٽل هجڻ ڪري حادثہ روز جو معمول بڻيل آهن

بقايا سنڌيار 24

ڊاڪٽر تحسين فاطمہ مياڻو شبير شاھ راشدي، حسن شاھ راشدي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو تہ سهانجهڙي جو وڻ پاڙ کان وٺي چوٽي تائين تمام گهڻو فائيدي مند آهي، سهانجهڙي جو وڻ انسانن سان گڏ جانورن لاءِ پڻ مفيد ثابت ٿئي ٿو سهانجهڙي جي وڻ ۾ پروٽين تمام گهڻي تعداد ۾ موجود آهي، سهانجهڙي جي وڻ جا پن خشڪ ڪري کائي سگهجن ٿا، سهانجهڙي جي وڻ اسان کي اردگرد پوکڻ گهرجي ۽ انهي مان ڀرپور فائدو حاصل ڪرڻ گهرجي، سهانجهڙي جي ٻوٽي ۾ اينٽي آڪسائيڊ موجود هجي ٿو جيڪو انسان جي سرشتي واري نظام کي گهڻو فائدو رسائي ٿو اڄوڪو پروگرام اصلاحي آهي جنهن جو مقصد ٻهراڙي جي عورتن ۽ مردن کي سمجهائڻ لاءِ آهي تہ سهانجهڙي جي وڻ ۽ فصل جا ڪيترا فائدا آهن. پروگرام جي آخر ۾ آيل مهمانن کي اجرڪ، شيلڊ ۽ سهانجهڙي جي ٻوٽي جي چڪين جا وڻ تحفي طور پيش ڪيا ويا.

بقايا سنڌيار 25

aنئون ديرو ۽ پرپاسي جي علائقن سان ٻڌايو پيو وڃي. زخمين ۾ 50 ورهين جو قربان علي سولنگي، 16 ورهين جو محمد، 32 ورهين جو امتياز علي، 20 ورهين جي جاويد احمد سميت 19 زخمي شامل هئا. زخمين کي اسپتال عملي پاران طبي امداد ڏيڻ بعد چتي ڪتي جي چڪ کان بچاءُ واري ويڪسين پڻ لڳائي وئي. ٻئي طرف نئون ديرو ۽ پرپاسي جي علائقن ۾ ميونسپل عملي پاران چتن ۽ رولو ڪتن کي مارڻ لاءِ شروع ڪيل مهم ناڪام ثابت ٿي آهي جنهن ڪري واقعا وڌندا پيا وڃن. زخمين جي وارثن جو مطالبو هيو تہ جلد ڪتا مار مهم شروع ڪرائي وڃي تہ جيئن وڌيڪ هن قسم جا واقعا پيش نہ اچي سگهن.

بقايا سنڌيار 26

پنهنجي خدمت جو موقعو ڏيندا ،پنهور برداري کي هاڻ هوشيار ٿيڻ گهرجي هر واري سنڌن کي ڪجھ مفاد پرست پنهنجي مطلب لاءِ استعمال ڪري رهيا آهن. دادو ضلعي ۾ پنهور برادري جو وڏو ووٽ بئنڪ آهي جنهن جو درست استعمال ٿئي تہ برداري سميت پوري ضلعي جي عوام کي فائدو پوندو هن وقت اوچتو اليڪشن جو اعلان ٿيو آهي جنهن ڪري سڀ حيران آهن. دادو جوهي،ميهڙ ڪي اين شاھ تڪن جو عوام پيپلز پارٽي جي اڳوڻ چونڊيل نمائندن جي ڪارڪردگي مان پريشان آهن جن عوام کي ڪجھ نہ ڏنو آهي، ٻوڏ ۽ برسات سبب ضلعي جي عوام تمام گهڻيون تڪليفون برداشت ڪيون آهن جن جو ازالو صرف اليڪشن ۾ اهل اميدوار کي ڪامياب ڪري پنهنجي ايندڙ نسل کي سٺو مستقبل ڏين، دادو جوهي ۾ روڊ رستا تباھ آهن اسڪول اوطاقن ۾ تبديل ٿيل آهن، دادو جو عوام تبديلي چاهي ٿو صرف وقت ۽ سچائي جي ضرورت آهي،پي ٽي آئي جو ڪپتان جيل ۾ آهي، ان موقعي تي غلام مصطفي پنهور، حافظ عابد پنهور، غلام رسول پنهور، منظور پنهور ۽ ٻيا ساٿي گڏ هئا.

بقايا سنڌيار 27

بہ ڪوشش ڪنداسين تہ هن علائقي ۾ ترقياتي ڪم ڪرايا وڃن ۽ هن علائقي ۾ صحت، تعليم، صاف پاڻي، تفريحي پارڪن جي سخت ضرورت آهي، هن علائقي جي عوام جي خدمت ڪئي آهي ۽ وڌيڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون، پي ايس 23 روهڙي مان چونڊجي عوام سان ڪيل واعدا پورا ڪنداسين، روهڙي ۾ اڳوڻي ميمبر سنڌ اسيمبلي تاج محمد شيخ، اڳوڻو ناظم روهڙي محمد اسلم شيخ ۽ اسان عوام جي خدمت ڪرڻ آيا آهيون ۽ ڏينهن رات محنت ڪندا، پارٽي ڏئي عوام جي خدمت ڪندس، جيالن جوش ۾ نعرا هنيا، پي ايس 23 روهڙي ۾ ڪاميابي بعد حلقي جي عوام جي وڌيڪ خدمت ڪندس.

بقايا سنڌيار 28

سپاف جي ڪارڪنن پاران نيشنل پريس ڪلب اڳيان شهباز ميمڻ مهاز سمون سمي بروهي اسد شاھ جي اڳوائي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو آهي ۽ سخت نعري بازي ڪئي وئي

بقايا سنڌيار 29

ڳولڻ لڳا پيپلز پارٽي اليڪشن ۾ دير هڪ ڏينهن جي نہ ٿي چاهي سيد ناصر حسين شاھ خبر موجب : پريس ڪلب سکر ۾ چونڊجي آيل نون عهديدارن کي مبارڪ ڏيڻ بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي سيد ناصر حسين شاھ چيو آهي پيپلز پارٽي کي فيور ملڻ جو تصور غلط آهي پيپلز پارٽي کي ڪنهن اليڪشن ۾ بہ فيور نٿي ملي پيپلز پارٽي اگر پي ٽي آءِ جي اليڪشن ۾ حصو وٺڻ جو مطالبو ڪري ٿي تہ اتحاد جي ڳالہ نہ ڪرڻ گهرجي پي ٽي آءِ کي آر ٽي ايس جي ذريعي آندو ويو اگر پي ٽي آءِ پراسس ڪري ها تہ ان حالتن سان منهن ڏيڻو تہ پوين ها سنڌ ۽ بلوچستان ۾ پيپلز پارٽي جي پوزيشن مظبوط آهي سينٽرل پنجاب ۾ مشڪل آهي مگر پيپلز پارٽي اليڪشن ۾ سرپرائيز ڏيندي

بقايا سنڌيار 30

فرار ٿي ويا آهن هن چيو تہ جنهن جون رسيدون مون وٽ موجود آهن مون ايس ايس پي دادو کي جوابدارن خلاف درخواست ڏني،ان جي باوجود رکڻ ٿاڻي جي ايس ايچ او طارق لاکير مون کان 10 هزار رشوت وٺي چيو تہ جوابدار گرفتار ڪيان ٿو پر هڪ مهينو گذري ويو جوابدار گرفتار نہ ٿيا نہ سون واپس ڏياريو. الٽو مون کان اڃان رشوت طلب ڪري رهيو آهي، هن چيو تہ جوابدار مون کي ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن تہ سون تان هٿ ڪڻ نہ تہ تو کي ۽ تنهنجي ٻارڙن کي قتل ڪري ڇڏينداسين هن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد کان مطالبو ڪيو تہ مون کي جوابدارن مان خطرو آهي جوابدار گرفتار ڪري چوري ٿيل سون واپس ڪرايو وڃي.

بقايا سنڌيار 31

نہ آهي هوڏانهن گذريل رات دير سان موٽرسائيڪل تي سوار ٻہ نامعلوم هٿيارٻند ڪراچي جي سينئر صحافي شفقت نوناري کان هٿيارن جي زور تي موبائل فون ۽ پندرنهن هزار روپيا ڦر ڪري فرار ٿي ويا صحافي شفقت نوناري کان ڦر واقعي خلاف صحافين مختلف سياسي سماجي ماڻهن طرفان هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي سڄل ڳوٺ روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڪندي پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ صحافين غوث ٻگهيو علي محمد ڀٽو شفقت نوناري ساجد مغل سميت مختلف سياسي سماجي اڳواڻن ڪامريڊ شبير راڄپر هارون جمالي مقصود سنجراڻي رمضان گبول عثمان ڪانڌڙو وهاب سومرو غلما دستگير ۽ ٻين چيو تہ سڄل ٿاڻي جي اندر ايس ايچ او اورنگزيب خٽڪ جي نااهليءَ سبب ايتري تہ بدامني وڌي وئي آهي جو ڪو بہ روڊ محفوظ نہ رهيو آهي مگر پوليس ڏوهارين خلاف ڪارروائي ڪرڻ جي لاءِ تيار نہ آهي پوليس گشت ڪرڻ بجاءِ ٿاڻي تي يا هوٽلن تي ويٺل رهي هنن چيو تہ ايس ايچ او سڄل ڳوٺ پوليس کاتي جي اعلي' عملدارن جو ايترو تہ آشرواد حاصل ٿيل آهي جو تمام گهڻي بدامني هجڻ باوجود ان کان ڪان ڪنهن بہ قسم جو ڪو بہ پڇاڻو نٿو ڪيو وڃي هنن چيو تہ صحافي شفقت نوناري کان ڦر واقعي جو نوٽيس وٺي ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري ڦر ٿيل سامان واپس ڪرائي سڄل ٿاڻي جي پوليس کان وڌندڙ بدامني' جو سخت پڇاڻو ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 32

۽ پولنگ عملي سان ڳالھ ٻولھ ڪئي ۽ کين تربيت کي موثر طريقي سان مڪمل ڪرڻ لاءِ چيو. ڊپٽي ڪمشنر لعل ڏنو منگي چيو تہ ٽريننگ جو مقصد پولنگ عملي کي ضروري صلاحيتن سان آراستہ ڪرڻ آهي تہ جيئن اهي چونڊ ڊيوٽي موثر طريقي سان سرانجام ڏئي سگهن. هن چيو تہ صاف ۽ شفاف چونڊون ڪرائڻ لاءِ سمورا وسيلا ڪتب آندا ويندا. ان موقعي تي ڳالهائيندي ڊي اي سي مسعود احمد قريشي چيو تہ صاف، شفاف ۽ پراعتماد چونڊون ڪرائڻ اليڪشن ڪميشن جي ذميواري آهي، جنهن کي سمورن رياستي ادارن جي سهڪار سان ڀرپور نموني سان پورو ڪيو ويندو. هن چيو تہ اليڪشن ڪميشن چونڊن ۾ حصو وٺندڙ سياسي پارٽين ۽ اميدوارن کي برابر جا موقعا فراهم ڪندي، عام چونڊن ۾ حصو وٺندڙ سمورين سياسي پارٽين کي ليول پلئنگ فيلڊ فراهم ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 33

صدارت هيٺ ٿي گذريو ڪنونشن ۾ جيجي درشهوار سيد جي ورسي پڻ ملهائي وئي ڪنونشن ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان وڏي تعداد ۾ عورت وفدن شرڪت ڪئي ڪنونشن کي خطاب ڪندي سيد زين شاھ چيو تہ سنڌ تي هميشہ ٻاهران حملا ٿيندا رهيا آهن انهن ۾ ٻ قسمن جا ماڻهون سامهون آيا ٻهريان جن پنهنجي وطن جي مالڪي ڪري ميدان ۾ لهي ڌارين کي ڀڄايو سائين جي ايم سيد وطن خاطر 32 سالن کان وڌيڪ ڪاٽيو ٻين وري سرخان نواب سردار جا لقب وٺي ڌارين جي دلالي ڪئي ڪوهستاني سردار سميت ٻين عوام بجاءِ حڪمرانن لاءِ ڪم ڪيو زين شاھ وڌيڪ چيو تہ سنڌ جي عظيم نياڻي جيجي درشهوار سيد جي اڄ ورسي آهي جيجي ايماندار ۽ وطن دوست ڪردار ادا ڪيو لطيف جي پيغام کي عام ڪيو جيجي بند ماحول ۾ ڪراچي ۽ ملڪ کان ٻاهر تعليم پرائي اهم مثال قائم ڪيو جنهن ۾ سنڌس والد سائين جي ايم سيد سنڌس رهنمائي ڪئي هن وقت ڪيترين ئي عورتون سياست ۾ آهن ڪيترين ئي ايم پي اي ۽ ايم اين اي بہ رهنديون اچن پر هنن پنهنجي سياست محل ناهڻ لاءِ ڪئي مردن وانگر عورتن جا بہ الڳ الڳ ڪردار آهن ياسمين ٽيپو خطاب ڪندي چيو تہ سائين جي ايم سيد جي نياڻي جيجي درشهوار سيد عورتن جي حقن لاءِ تاريخي جدجهد ڪئي ڪيس خراج پيش ڪيون ٿا سنڌس نقش قدم تي هلندي سنڌ جي عورتن کي متحده ڪري وطن لاءِ جدجهد جاري رکبي ان موقعي تي چونڊن ۾ مرڪزي صدر مئڊم ياسمين ٽيپو نائب صدر حميرا آريسر جنرل سيڪريٽري ائڊووڪيٽ آئما شاھ انفارميشن سيڪريٽري پره محسن ملاح فنانس سيڪريٽري نازيہ سولنگي چونڊجي ويو چونڊيل عورت اڳواڻن کان سيد زين شاھ عهدن جو حلف ورتو

بقايا سنڌيار 34

سول سوسائٽي اڳواڻ مجاهد اعواڻ، ايس يو پي اڳواڻ آصف مگسي، الله داد خشڪ، رميز ٽونيو ايس ٽي پي اڳواڻ امداد سومرو جماعت اسلامي امتياز شيخ، ابراهيم دايو ايڊووڪيٽ زاهد مستوئي، شهيد ڀٽو جي گدا مستوئي، بئريسٽر ٽيم جي نور مگسي، لياقت جوٽيجو ۽ ٻين ڪوٽومونو چوڪ کان احتجاجي ريلي ڪڍي گيس آفيس اڳيان ڌرڻو هڻي احتجاج رڪارڊ ڪرايو ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا وارن سان ڳالهائيندي چيو تہ گيس جي لوڊشيڊنگ ۽ بندش شهري سخت پريشان آهن گيس نہ هجڻ ڪري صبح جي وقت معصوم ٻار ۽ ڊيوٽين سميت ڪم تي ويندڙ مسڪين ماڻهون بک تي وڃن ٿا هنن چيو تہ هن جديد دور ۾ بہ گيس جي بندش سمجھ کان ٻاهر آهي هنن چيو تہ شهر جي ڪجھ بااثر ماڻهن جي پاڙن گيس 24 ڪلاڪ هلي ٿي جڏهن تہ شهر جي ڪچي آبادي سميت هيٺين پاڙن ۾ 24 ڪلاڪن ۾ صرف 30 منٽ گيس بہ مشڪل سان هلي وري بند ٿي وڃي ٿي مظاهرين مطالبو ڪيو تہ سموري شهر ۾ گيس جي فراهمي يقيني بڻائي شهرين ۾ پکڙيل بيچيني ختم ڪئي وڃي

بقايا سنڌيار 35

ارسلان اسلام شيخ هو جڏهن تہ ٻين مهمانن ۾ ڊپٽي ميئر سکر ڊاڪٽر ارشد مغل، پاسٽر وارث عثانوال، پ پ ليڊيز ونگ جي ميڊم عذرا جمال ٽائون وائيس چيئرمين مرتضيٰ گهانگهرو، سکر جي سياسي، سماجي، مذهبي، ڪاروباري شخصيتن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ مسيحي برادري سميت برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ بعد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي ميئر سکر ارسلان اسلام شيخ باني پاڪستان جو شڪريو ادا ڪيو جن جي سخت محنت ۽ اڻ ٿڪ جدوجهد سبب برصغير جي مسلمانن کي آزادي ملي ۽ آزادي جي خواب کي ساڀيان ڪرڻ لاءِ ڪيل جدوجهد کي خراج تحسين پيش ڪيون ٿا آزاد پاڪستان فخر جي ڳالھ آهي، هن چيو تہ 25 ڊسمبر اسان لاءِ اهم آهي چو تہ اڄ اسان پنهنجي عظيم قائد باني پاڪستان قائداعظم محمد علي جناح جو جنم ڏينهن ملهائي رهيا آهيون، قائد اعظم محمد علي جناح هڪ نامور سياستدان ۽ مفڪر هو جنهن پاڪستان جي آزادي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ برصغير جي مسلمانن کي هڪ الڳ مسلم رياست پاڪستان وجود ۾ آيو عظيم ليڊر جنهن جي اڻٿڪ محنت سان پاڪستان آخرڪار دنيا جي نقشي تي ابري آيو هن چيو تہ ڪرسمس جو ڏينهن امن، محبت ۽ ڀائيچاري جو پيغام ڏئي ٿو ملڪ ۾ مسيحي برادري سيني شعبن ۾ قابل قدر خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. پاڪستان جو سافٽ اميج سڄي دنيا ۾ اجاگر ڪرڻ ۾ مسيحي برادري جو ڪردار ساراھ جوڳو آهي. پاڪستان جا شهري مسيحي برادري جي خدمتن کي تمام گهڻي قدر ڏين ٿا ۽ اڄ اسان هن ڏينهن تي انهن کي مبارڪباد پيش ڪريون ٿا ۽ اهو ڏينهن انهن سان ملهائي رهيا آهيون.

بقايا سنڌيار 36

مهرجا مک قاتل گرفتار نہ ٿيڻ خلاف سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي علامتي بک هڙتال وارو سلسلو ايس يو جي ٿي قائم مقام صدر خالد ڀانڀڻ جي اڳواڻي ۾ جاري رکي قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعري بازي ڪئي وئي ان موقعي تي جنرل سکر پريس ڪلب جي نائب صدر لالا شهباز پٺاڻ جنرل سيڪريٽري شهزاد تاباڻي، سيد احقر شاھ، آصف لوڌي، سليم سهتو سحرش کوکر، ڪامران شيخ، انس گهانگهرو، عمر سومرو، جلال الدين پيو جهانزيب وسير، مسعود زيدي، حسيب شيخ، عبيد شيخ، يار محمد سومرو، اسحاق ڪوسو اظهر دايو شفيع ابڙو، علي ڪوسو ڪاشف قلپوٽو ديدار اتڙ، بخش علي قلپوٽو بابر ڪوکر، فضل الرحمان قريشي، اسلم دايو انس ملڪ، اورنگزيب ماڪو، ماجد منگي، عقيل احمد، ۽ ٻيا موجود هئا جڏهن تہ سول سوسائٽي جي ڊاڪٽر نذير ڪوکر، مخدوم بلاول، اعظم منگرو ۽ ٻين شريڪ ٿي يڪجهتي جو اظهار ڪيو ان موقعي تي صحافي اڳواڻن چيو تہ سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل 135 ڏينهن گذرڻ باوجود گرفتار نہ ٿيڻ سمجھ کان ٻاهر آهي جو تہ جان محمد جي قاتلن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ نگران سنڌ حڪومت ۽ عدالت پوليس کي واضح حڪم ڏنو آهي تہ قاتلن کي هر صورت ۾ گرفتار ڪيو وڃي ۽ اصل قاتل ايف آئي آر ۾ نامينيٽ ٿيل آهن پر قاتل اڃان پوليس جي پڪڙ کان بچيل آهن اهڙي عمل خلاف پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽ طرفان شهيد جان محمد مهر جي اصل قاتلن جي گرفتاري تائين احتجاجي تحريڪ تيز ڪئي وئي آهي ان ڏس ۾ ملڪ گير مظاهرن ۽ سڄي سنڌ جي پريس ڪلبن ٻاهران علامتي بک هڙتال بعد 6 جنوري 2024 تي سکر پريس ڪلب ۾ آل سنڌ جرنلسٽ ڪنونشن منعقد ڪيو ويندو ۽ شهيد جي خون سان انصاف تائين جدوجهد جاري رکي وڌيڪ احتجاج بابت اعلان ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 37

سبب عورتن ۽ ٻارڙن ۾ ڪيهات پئجي ويا عورتون ۽ معصوم ٻارڙا پاڻي ۾ گوتا کاهيندا ۽ تڙپندا رهيا جڏهن تہ ڀڄتا ٽريڪٽر ٽرالي جي ٽائرن هيٺان اچي ويا جن کي ماڻهن ٻاهر ڪڍي ورتو واقعي جي اطلاع بعد ميهڙ ۽ قاضي عارف جي پوليس واقعي واري هنڌ بروقت نہ پهچي سگهي جڏهن تہ ويجهن علائقن جا رهواسي ۽ رستي سان ايندڙ ويندڙ ماڻهن پهچي زخمين کي تعلقي اسپتال ميهڙ منتقل ڪيو جڏهن تہ تعلقي اسپتال ميهڙ آيل زخمين ۾ عمرہ زال جعفر حسين هيسباڻي، ارشاد خاتون زال عمران علي ، مختيار ڌي شوڪت علي، نائلا ڌي محمد پريل، عزت خاتون، زهرا، توفيق، صابر حسين، نومان عباس ، ڪومل، عاليہ، غلام رسول، عبدالوحيد، 11 سالا احمد علي ، 8 سالا ثقلين، امتياز علي ، غلام اصغر، مسز وحيد، مسمات زرينہ، 10 سالا حسنين ، 15 سالا ميسر عباس ۽ ٻيا شامل آهن تعلقہ اسپتال ميهڙ ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي جڏهن تہ 17 کان وڌيڪ زخمين کي تعلقي اسپتال ميهڙ بعد ڳنڀير جوڳي حالت ۾ لاڙڪاڻو اسپتال منتقل ڪيو ويو تعلقي اسپتال ميهڙ جي ايم ايس ڊاڪٽر هدايت علي ڪوسو ٻڌايو تہ واقعي جو اطلاع ملندي ئي اسپتال ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪندي ڊاڪٽرن ۽ پيرا ميڊيڪل اسٽاف کي مقرر ڪيو ويو جڏهن تہ ايمبولينس جي ذريعي 17 کان وڌيڪ زخمين کي نازڪ حالت ۾ لاڙڪاڻو اسپتال منتقل ڪيو هو هوڏانهن حادثي ۾ زخمي ٿيندڙن ٻڌايو تہ اسين ميهڙ تعلقي جي ڳوٺ پند ماڙي پرسان هيسباڻي جي ڳوٺ مان شاھ گودڙيو ڏانهن سکا ڪٽي وڃي رهيا هئاسين تہ قاضي عارف پرسان موري ٽٽل هجڻ ڪري بس جي ڪراسنگ دوران ڊرائيور کان ٽريڪٽر ٽرالي سم شاخ ۾ هلي وئي جنهن سبب اسان جي ڳوٺ جا رهواسي ۽ ضلع خيرپور جي تعلقي ڪرونڊي جي ڳوٺ خدا بخش هيسباڻي کان آيل مائٽ زخمين ۾ شامل آهن ياد رهي تہ روڊس کاتي کي نااهلي ۽ ٻوڏ کان پوءِ قاضي عارف ۽ فريدآباد روڊ ۽ مورين جا ڪم نہ ٿيڻ ۽ سم شاخ ٽٽل هجڻ ڪري حادثہ روز جو معمول بڻيل آهن

بقايا سنڌيار 38

احترام سان اڄ ملهائي ويندي. ورسي جي موقعي تي پاڪستان پيپلز پارٽي طرفان ڳڙهي خدابخش ڀٽو ۾ ڀرپور سياسي طاقت جو مظاهرو ڪرڻ لاءِ اڄ جلسي عام ڪوٺايو ويو جنهن ۾ پيپلز پارٽي طرفان عام چونڊن جي مهم جي شروعات ڪئي ويندي. جلسي عام لاءِ ڳڙهي خدابخش ڀٽو ۾ جلسي گاھ اندر 60 فوٽ ويڪري اسٽيج ٺاهي آن کي پارٽي جهنڊن، شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو ۽ ٻين پارٽي اڳواڻن جي تصويرن سان سينگاريو ويو آهي. ورسي جي شروعات صبح جي وقت قرآن خواني سان ڪئي ويندي بعد ۾ منجهند ڌاري پيپلز ڪلچرل ونگ طرفان شهيد محترمہ بينظير ڀٽو کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ مشاعرو ڪوٺايو ويندو مشاعري ۾ ملڪ جا نالي وارا شاعر پنهنجي شاعري جي ذريعي شهيد محترمہ بينظير ڀٽو کي ڀيٽا پيش ڪندا. ٻئي پاسي سخت سيءَ جي باوجود ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ڪارڪن قافلن جي صورت ۾ ڳڙهي خدابخش ڀٽو پهچڻ جو سلسلو جاري آهي. ورسي ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ پاڪستان پيپلز پارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، اڳوڻو صدر پاڪستان پيپلزپارٽي جو شريڪ چيئرمين آصف علي زرداري سندس ننڍي نياڻي آصفہ ڀٽو زرداري، صنم ڀٽو پي پي پي ليڊيز ونگ جي مرڪزي صدر فريال ٽالپر سميت ٻيا اڳواڻ نئون ديرو پهچي ويا آهن. ورسي تقريب ۾ اڳوڻو وزيراعظم قومي اسيمبلي جو اسپيڪر راجا پرويز اشرف، اڳوڻو وزيراعظم يوسف رضا گيلاني، اڳوڻو وڏو وزير سيد مراد علي شاھ سميت پيپلز پارٽي جا مرڪزي اڳواڻ شرڪت ڪري ڳڙهي خدابخش ڀٽو ۾ رٿيل جلسي عام کي خطاب پڻ ڪندا. هوڏانهن شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي ورسي جي موقعي تي پيپلز پارٽي جا مرد جيالن توڙي جياليـن وڏي انگ ۾ ڳڙهي خدابخش ڀٽو پهچي پنهنجي قائد ذوالفقار علي ڀٽو شهيد محترمہ بينظير ڀٽو ۽ ٻين شهيدن جي مزار تي حاضري ڀري شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪري رهيا آهن. پيپلز پارٽي جي قيادت طرفان ڳڙهي خدابخش ڀٽو ۾ مزار ٻاهريان سنڌ، بلوچستان، پنجاب، ڪي پي ڪي، آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن لاءِ استقباليہ ڪئمپون قائم ڪيون ويون آهن جتي ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان ايندڙ قافلن جو استقبال پڻ ڪيو پيو وڃي. ورسي جي موقعي تي سيڪيورٽي جا فول پروف انتظام ڪيا ويا آهن. لاڙڪاڻو پوليس جي انتظاميہ پاران ڳڙهي خدابخش ڀٽو توڙي نئون ديرو هائوس جي سيڪيورٽيءَ لاءِ 7000 هزار کان وڌيڪ پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن کي مقرر ڪيو ويو آهي جن ۾ 26 ايس ايس پيز، 6 اي ايس پيز، 72 ڊي ايس پيز، 138 انسپيڪٽر، 217 سب انسپيڪٽر، 593 اي ايس آئيز، 798 هيڊڪانسٽيبل، 4755 پوليس اهلڪار، 500 ايس ايس يو 300 ليڊيز 700 ٽريفڪ اهلڪارن سميت ڪمانڊوز پنهنجون فرائض سرانجام ڏيندا. ڳڙهي خدابخش ڀٽو ۾ 150 کان وڌيڪ سي سي ٽي وي ڪئمرائون، 80 کان وڌيڪ واڪ ٿرو گيٽس ۽ ميٽل ڊٽيڪٽر لڳائي بم ڊسپوزل عملي کي پڻ الرٽ رکيو ويو آهي. سيڪيورٽي انتظامن جو جائزو وٺڻ ۽ انهن جي نگرانيءَ لاءِ ڳڙهي خدابخش ڀٽو ۾ شهيدن جي مزار پنيان لاڙڪاڻو پوليس طرفان خصوصي ڪنٽرول روم قائم ڪيو ويو آهي. جتان ورسي تقريب جي نگراني ڪئي ويندي. ضلعي انتظاميہ طرفان ڳڙهي خدابخش ڀٽو ۽ نئون ديرو ۾ ميڊيڪل ڪئمپون لڳايون ويون آهن.

بقايا سنڌيار 39

صدارت هيٺ ٿي گذريو ڪنونشن ۾ جيجي درشهوار سيد جي ورسي پڻ ملهائي وئي ڪنونشن ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان وڏي تعداد ۾ عورت وفدن شرڪت ڪئي ڪنونشن کي خطاب ڪندي سيد زين شاھ چيو تہ سنڌ تي هميشہ ٻاهران حملا ٿيندا رهيا آهن انهن ۾ ٻ قسمن جا ماڻهون سامهون آيا ٻهريان جن پنهنجي وطن جي مالڪي ڪري ميدان ۾ لهي ڌارين کي ڀڄايو سائين جي ايم سيد وطن خاطر 32 سالن کان وڌيڪ ڪاٽيو ٻين وري سرخان نواب سردار جا لقب وٺي ڌارين جي دلالي ڪئي ڪوهستاني سردار سميت ٻين عوام بجاءِ حڪمرانن لاءِ ڪم ڪيو زين شاھ وڌيڪ چيو تہ سنڌ جي عظيم نياڻي جيجي درشهوار سيد جي اڄ ورسي آهي جيجي ايماندار ۽ وطن دوست ڪردار ادا ڪيو لطيف جي پيغام کي عام ڪيو جيجي بند ماحول ۾ ڪراچي ۽ ملڪ کان ٻاهر تعليم پرائي اهم مثال قائم ڪيو جنهن ۾ سنڌس والد سائين جي ايم سيد سنڌس رهنمائي ڪئي هن وقت ڪيترين ئي عورتون سياست ۾ آهن ڪيترين ئي ايم پي اي ۽ ايم اين اي بہ رهنديون اچن پر هنن پنهنجي سياست محل ناهڻ لاءِ ڪئي مردن وانگر عورتن جا بہ الڳ الڳ ڪردار آهن ياسمين ٽيپو خطاب ڪندي چيو تہ سائين جي ايم سيد جي نياڻي جيجي درشهوار سيد عورتن جي حقن لاءِ تاريخي جدجهد ڪئي ڪيس خراج پيش ڪيون ٿا سنڌس نقش قدم تي هلندي سنڌ جي عورتن کي متحده ڪري وطن لاءِ جدجهد جاري رکبي ان موقعي تي چونڊن ۾ مرڪزي صدر مئڊم ياسمين ٽيپو نائب صدر حميرا آريسر جنرل سيڪريٽري ائڊووڪيٽ آئما شاھ انفارميشن سيڪريٽري پره محسن ملاح فنانس سيڪريٽري نازيہ سولنگي چونڊجي ويو چونڊيل عورت اڳواڻن کان سيد زين شاھ عهدن جو حلف ورتو

لياقت يونيورسٽي

آف ميڊيڪل هيلٿ سائنسز، جامشورو، سنڌ پاڪستان
URL.www.lumhs.edu.pk
فون نمبر: 9213350_22_92+، فيڪس: 921330_22_92+
اي ميل: storesection@lumhs.edu.pk
"ڪرپشن کان انڪار ڪريو"

پرچيز اينڊ اسٽور سيڪشن

نيلام لاءِ نوٽيس

سيڻي دلچسپي پارٽيون / خدمت فراهم ڪندڙ / ٺيڪيدار / ڪيٽررز قابليت جي معيار کي پورا ڪن ٿا، يعني. انڪم ٽيڪس لاءِ فيڊرل بورڊ آف روينيو (ايف بي آر) وٽ رجسٽريشن ۽ سنڌ روينيو بورڊ وٽ رجسٽريشن جي صورت ۾ ڪم ۽ خدمتن جي خريداري جي صورت ۾ جيئن بہ هجي ۽ ڪنهن بہ پروڪيورنگ ايجنسي يا اٿارٽي ۾ بليڪ لسٽ ۾ شامل نہ آهن. انهن کي مختلف ڪمن ۾ حصو وٺڻ جي دعوت ڏني وئي آهي. هيٺين لاءِ ڪرائي جي بنياد تي خدمتن جا درجا:

ايس #	ڪم جو نالو	ٽينڊر في	سيڪيورٽي ڊپازٽ	خريداري جي تاريخ	واڪ جمع ڪرائڻ جي تاريخ	پرچيز فارم
ڪيٽگري_اي						
1.	مختلف هنڌن تي ڪرائي جي بنياد تي ڪينٽين هلائڻ، LUMHS، جامشورو.	3000/_	2,00,000.00 رپيا	02.01.2024 کان 23.01.2024	24.01.2024	انچارج (پي ايس او)
ڪيٽگري_بي						
1.	مختلف هنڌن، LUMHS، جامشورو تي ڊرائي ڪلينرز ڪرائي تي ڏيڻ.	3000/_	100,000.00 رپيا	02.01.2024 کان 23.01.2024	24.01.2024	انچارج (پي ايس او)
2.	مختلف هنڌن تي ڪرائي جي بنياد تي دڪان هلائڻ، LUMHS، جامشورو.	3000/_	100,000.00 رپيا	02.01.2024 کان 23.01.2024	24.01.2024	انچارج (پي ايس او)
ڪيٽگري_سي						
1.	مختلف هنڌن تي ڪرائي جي بنيادن تي ميسس هلائڻ، LUMHS، جامشورو.	3000/_	150,000.00	02.01.2024 کان 23.01.2024	24.01.2024	انچارج (پي ايس او)

شرطون ۽ ضابطا هيٺ ڏنل آهن: _

1. ٽينڊر جا دستاويز آفيس انچارج، پرچز اينڊ اسٽور سيڪشن، LUMHS، جامشورو مان حاصل ڪري سگهجن ٿا يا ڪنهن بہ ڪم واري ڏينهن تي مٿي ڄاڻايل ادائيگي تي (نا قابل واپسي) يونيورسٽي جي ويب سائيٽ www.lumhs.edu.plc تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا. ٽينڊر جي افتتاح جي ڏينهن کان سواءِ 24.01.2024 تائين وائيس چانسيلر، LUMHS، جامشورو جي حق ۾ پي آرڊر جي صورت ۾ مقرر ڪيل پروفارما تي حفاظتي جمعن سان گڏ سيل ٿيل ٽينڊر 24.01.2024 تائين 11.00 وڳي تائين ۽ ساڳئي ڏينهن 11.30 وڳي تي کوليا ويندا. لاڳاپيل آفيس ۾، پارٽين جي نمائندن جي موجودگي ۾، جيڪي ڪڏهن بہ آن وقت موجود هوندا.
2. ڪنهن بہ غير متوقع صورتحال جي صورت ۾ ۽ جنهن جي نتيجي ۾ آفيس کولڻ جي تاريخ تي بند ٿي وڃي يا جيڪڏهن حڪومت موڪلن جو اعلان ڪري تہ ٽينڊر ايندڙ ڪم واري ڏينهن تي ساڳئي وقت ۽ جڳهہ تي جمع ڪيو ويندو. ڪنهن بہ مشروط يا غير محفوظ حفاظتي جمع، ٽيلر مقابلي ۾ نہ سمجهيو ويندو.
3. خريداري جو طريقو سنگل اسٽيج آهي _ هڪ لفافي جو طريقو
4. بولي ڏيندڙ کي گهٽ ۾ گهٽ 03 سالن جو ڪامياب تجربو هجڻ گهرجي ڪنهن بہ يونيورسٽي يا وڏي اداري جي ساڳئي خدمت جو.
5. بولي ڏيندڙ کي ٽيڪس ادا ڪندڙ ايجنسي سان رجسٽر ڪرڻ گهرجي جنهن جي تصديق لاڳاپيل ايجنسين کان ڪئي ويندي.
6. بولي ڏيندڙ وٽ گهٽ ۾ گهٽ رپيا هجن 500,000 ساليانو ٽرن اوور جنهن جي تصديق بئنڪ اسٽيٽمينٽ ذريعي ڪئي ويندي.

پروڪيورنگ ايجنسي ڪنهن بہ يا سڀني بولين کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي ۽ بولي يا تجويز جي قبوليت کان اڳ ڪنهن بہ وقت بڊنگ جي عمل کي منسوخ ڪري سگهي ٿي.

چيئرمين
سينٽرل پرچيز ڪميٽي
LUMHS، جامشورو

INF/KRY#4793/2023

پڙهندي سنڌ تہ ... وڌندي سنڌ